جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | جمعو 30 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 18 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 19

ٿرپارڪر ۾ اسپتال ٻاهران بيٺل ايمبولينس ۾ آڪسيجن سلينڊر ڦاٽڻ سبب ڳورهاري عورت سميت 10 ڄڻا فوت

واقعي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي ٽيمون ۽ فائر برگيڊ جو عملو واقعي واري هنڌ پهچي ويون جن امدادي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون

زخمين کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. هڪ ڳورهاري عورت ايمبولينس جي اندر موجود هئي عملو آڪسيجن سلينڊر لڳائي رهيو هو انهي دوران سلينڊر ۾ ڌماڪي سبب باهه لڳي

پوليس موجب فوت ٿي ويلن ۾ پي پي ايڇ آئي جو ڊسپينسر، ايمبولينس ڊرائيور، هڪ چوڪيدار ۽ هڪ ٻيو ملازم شامل آهن. متاثرين ۾ ڳورهاري عورت ۽ انهي جا 2 تيماردار به شامل هئا

ڌماڪي کان پوءِ باهه لڳڻ جي ڪري ايمبولينس مڪمل طور تي سڙي تباهه ٿي وئي واقعي ۾ سخت زخمي ٿيل هڪ شخص سول اسپتال مٺي منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ فوت ٿي ويو

جنهن کان پوءِ فوت ٿي ويل ماڻهن جو انگ وڌي 10 تي ويو آهي. فوت ٿي ويل ماڻهن ۾ اسحاق ٿيٻو، ڏينو مينگهواڙ، پنڊي راڄڙ شامل آهن ٻين ماڻهن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي

ريسڪيو ٽيمن هڪ معصوم ٻار ۽ هڪ عورت سميت ڪيترن ئي زخمين کي به اسپتال منتقل ڪيو انتظاميه، صحت کاتي، ريسڪيو 1122 ۽ ٽائون اختيارين واقعي واري هنڌ موجود آهن

مٺي (رپورٽر) ٿرپارڪر جي ڊوراهين مرڪز صحت دانودانڊل ۾ بيٺل پي پي ايڇ آءِ ايمبولينس ۾ سلينڊر ڌماڪي کان پوءِ باهه جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويل ماڻهن جو انگ 10 تي ويو جڏهن ته 5 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن. ريسڪيو اختيارين موجب واقعي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي ٽيمون ۽ فائر برگيڊ جو عملو واقعي واري هنڌ پهچي ويون جن امدادي ڪارروايون شر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پارليامينٽ کي غير فعال رکڻ جي خواهش رکندڙن جو مقصد پورو ٿي چڪو آهي: بلاول ڀٽو

مخالف ڌر به پارلياماني عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري، قومي مسئلن تي اتفاق راءِ پيدا ڪري پاڪستان جي مفادن جو بهتر تحفظ ڪري سگهجي ٿو

مخالف ڌر اڳواڻ سيني کان اهم ڳالهه اها ڪئي ته اسان کي هن پارليامينٽ کي فعال بڻائڻ گهرجي، پارليامينٽ مان فيصلا ڪرائڻ گهرجن ۽ ان مقصد لاءِ هڪٻئي جو ساٿ ڏيڻ گهرجي

اهوئي پاڪستان جي مفاد ۾ آهي ته اسان پارليامينٽ کي طاقتور بڻايون. جيڪڏهن پارليامينٽ طاقتور آهي ته اسان سڀ طاقتور آهيون ۽ جيڪڏهن پارليامينٽ ۽ ان جا ميمبر بااختيار آهن ته پاڪستان جي عوام به بااختيار هوندي

ان حوالي سان حڪومت کي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ گهرجن پر ان سان گڏوگڏ ايوان کي فعال بڻائڻ ۾ مخالف ڌر جو ڪردار به ضروري آهي. جيڪڏهن مخالف ڌر اهو ڪردار ادا نه ڪندي ته انهن ماڻهن جو مقصد پورو ٿي ويندو

جيڪي چاهين ٿا ته پارليامينٽ غير فعال ۽ ڪمزور رهي ۽ عوام ان اداري مان اهو فائدو حاصل نه ڪري سگهي جيڪو کين حاصل ڪرڻ گهرجي

جيڪڏهن مخالف ڌر فيصلو ڪيو آهي ته هو پارلياماني ڪميٽين ۾ شرڪت نه ڪندي، فنانس ڪميٽي سميت ٻين ڪميٽين ۾ پنهنجا نمائندا نه موڪليندي، ته ان سان پارليامينٽ جي ڪردار کي نقصان پهتو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پارليامينٽ کي طاقتور بڻائڻ پاڪستان جي مفاد ۾ آهي، پارليامينٽ کي فعال بڻائڻ لاءِ صرف تقرير ڪافي ناهي پر عملي شرڪت به ضروري آهي، مخالف ڌر به پارلياماني عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري، قومي مسئلن تي اتفاق راءِ پيدا ڪري پاڪستان جي مفادن جو بهتر تحفظ ڪري سگهجي ٿو خميس ڏينهن قومي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي

مولانا فضل الرحمان تنقيد ڪئي آهي ته جواب ٻڌڻ جي همت به رکي: محسن نقوي

مولانا فضل الرحمان جو تمام گهڻو احترام ڪندو هو پر رياستي ادارن بابت سندس بيان کانپوءِ هاڻي سندس احترام جي ڪا گنجائش باقي نه رهي آهي

سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر اهڙو رويو ڪنهن به سياستدان کي نٿو سونهي. مولانا فضل الرحمان گذريل ڏينهن رياستي ادارن بابت انتهائي نامناسب بيان ڏنو

جيستائين رياست مان فائدا ملندا رهن ٿا، تيستائين رياست سٺي لڳندي آهي، پر جڏهن حصو يا حڪومت نٿي ملي ته رياست تي ٿُڪڻ مناسب ناهي

اسلام آباد(بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته هو مولانا فضل الرحمان جو تمام گهڻو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

سنڌ حڪومت ڊگري هولڊرز جي لاءِ انٽرن شپ پروگرام نومبر کان شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

هنرمند ماڻهن جي لاءِ ڪمپنين جي تعاون سان فزيڪل شارٽ ڪورسز جو ٻيو مرحلو به شروع ڪيو ويندو: شرجيل انعام ميمڻ

ڪورسز جي ذريعي مارڪيٽ جي ضرورتن موجب مهارتون پيدا ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ڊگري هولڊرز جي لاءِ انٽرن شپ پروگرام نومبر کان شروع ڪرڻ جو اع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: اي پي سي ڪميٽي جي اجلاس کي نثار کهڙو خطاب ڪري رهيو آهي

اسرائيلي چونڊون، نيتن ياهو اتحاد سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام

نيتن ياهو جو اتحاد سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي

يروشلم (م ر) اسرائيل ۾ عام چونڊن کانپوءِ نتيجا اچڻ جو سلسلو جاري آهي، 90 سيڪڙو ووٽن جي ڳڻپ مڪمل ٿي وئي آهي. جڏهن ته نيتن ي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

درگاهه عبدالله شاهه اصحابي ۾ زائرين لاءِ جتيون رکڻ واري جاءِ جو ڪم مڪمل، رياض حسين شاهه شيرازي جا ٿورا مڃيا ويا

درگاهه عبدالله شاهه اصحابي تي ايندڙ زائرين جي سهولت لاءِ جتيون رکڻ واري جاءِ کي صاف سٿرو ۽ بهتر بڻائڻ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو

جتي هن زائرين جي سهولت کي نظر ۾ رکندي جتيون رکڻ واري جاءِ کي صاف سٿرو ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ذميوارن کي هدايتون جاري ڪيون هيون

وزير اوقاف جي هدايتن تي ان ڪم جي ذميواري درگاهه جي انچارج بربادو جاڪرو جي حوالي ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) درگاهه عبدالله شاهه اصحابي ۾ زائرين لاءِ جتيون رکڻ واري جاءِ جو ڪم مڪمل، وزير اوقاف رياض حسين شاهه شيرازي جا ٿورا مڃيا ويا ٺٽو / مڪلي: درگاهه عبدالله شاهه اصحابي تي ايندڙ زائرين جي سهولت لاءِ جتيون رکڻ واري جاءِ کي صاف سٿرو ۽ بهتر بڻائڻ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي. ڪجهـ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

صدر پاران سيلينڊر ڌماڪي جي واقعي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار، واقعي جي جاچ جو حُڪم

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ٿرپارڪر ۾ ايمبولينس ۾ آڪسيجن سيلينڊر ڌماڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

صدر پاران بلوچستان جي ڪيچ ضلعي جي علائقي ميناز ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري بلوچستان جي ڪيچ ضلعي جي علائقي ميناز ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

وڏي وزير پاران ٿرپارڪر ايمبولينس سانحي جي هر فوت ٿيل شخص جي وارثن لاءِ 20 لک رپيا امداد جو اعلان

ٿرپارڪر ۾ ايمبولينس جي افسوسناڪ حادثي ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک جو اظهار

صحت کاتي ذريعي هڪ شفاف انڪوائري جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن انهن حالتن جو پتو لڳائي سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) ٿرپارڪر ۾ ايمبولينس جي افسوس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

جج ٻنهي کي 13 سالن جي سزا ٻڌائي آهي، ڄڻ ته اهي وڏا دهشتگرد هجن: شيرين مزاري

جج ٻنهي کي 13 سالن جي سزا ٻڌائي آهي، ڄڻ ته اهي وڏا دهشتگرد هجن

ايمان ۽ هادي هڪ هڪ الزام کي غلط ثابت ڪيو، پر ڪو به شاهد معتبر ثبوت پيش نه ڪري سگهيو

اسلام آباد (بيورو) شيرين مزاري پنهنجي ڌيءَ ايمان مزاري ۽ نائي هادي علي چٺا کي سزا ٻڌائڻ واري عدالتي فيصلي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

وزيراعظم پاران ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۾ ''آپريشن رد الفتنه 3'' تحت فتنه ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

اوهان فرعون کان وڌيڪ طاقتور ناهيو، ان کي به شڪست ملي: محمود اچڪزئي

حنيف عباسي ڪعبي شريف ويو آهي ٻڌائي ڪيترا پئسا ڏنا ووٽ لاءِ؟ مون مطالبو ڪيو هو ته هن حڪومت ۾ ڪيتري ڪرپشن تي هڪ ڪميٽي ناهيو

خواجه آصف، پيپلز پارٽي سميت اوهان سڀئي ٻڌي رهيا آهيو هن ايوان کي هن پارليامينٽ کي طاقت جو سرچشمو بنايو

اسلام آباد (بيورو) اپوزيشن اڳواڻ محمود اچڪزئي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ستنبول امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

وزارت اطلاعات انگور اڏا واقعي بابت افغان طالبان حڪومت جي بيان کي ڪوڙو ۽ هٿ ٺوڪيو قرار

انگور اڏا واقعي بابت افغان طالبان جو ڪوڙو بيان سندن فريب تي ٻڌل طرزِ عمل جو عڪاس آهي : اطلاعات کاتو

افغان طالبان فورسز پاڪستاني حدن اندر شهرين تي بنا ڪنهن اشتعال جي فائرنگ ڪئي ۽ مارٽر گولا وسايا

طالبان حڪومت جي بنا اشتعال فائرنگ پارٽي هدايتن ۽ پراڪسي عنصرن جي طئي ڪيل طريقيڪار جو تسلسل آهي

اسلام آباد(بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت انگور اڏا واقعي بابت افغان طالبان حڪومت جي بيان کي ڪوڙو ۽ هٿ ٺوڪيو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. وزارت موجب، انگور اڏا واقعي بابت افغان طالبان جو ڪوڙو بيان سندن فريب تي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سائبر سيڪيورٽي هاڻي شهري تحفظ جو معاملو آهي: وفاقي وزير شزه فاطمه

سندس والد کي پڻ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) ذريعي ڪزن جي وائس ڪلوننگ ۽ اغوا جهڙي ڪوڙي ڊرامي تحت ڪال آئي هئي

ڪجهه ڏينهن اڳ سندس والد کي ڪال آئي هئي جنهن ۾ ڪال ڪندڙ انسان جو آواز سندس ڪزن احمد جو هو

جعلي ڪال ڪندڙ ماڻهن وٽ سندس خاندان جي باري ۾ تمام حساس معلومات پڻ موجود هئي ۽ انهن کي معلوم هو ته احمد ڪير آهي ۽ سندس والد هن کي ڪهڙي نالي سان سڏ ڪندو آهي

اسلام آباد (بيورو) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته جديد سائبر فراڊ ۽ ڊجيٽل اسڪيمز کان معاشري جو ڪو به طبقو محفوظ نه آهي. هن چيو ته سندس والد کي پڻ مصن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سياسي اختلافن باوجود ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ قومي يڪجهتي کي مٿانهون رکڻو پوندو: وفاقي وزير

پاڪستان کي ورهائڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو ۽ ملڪ مستحڪم ۽ انشاءَ الله قائم ۽ دائم رهندو

سياسي اختلافن باوجود ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ قومي اتحاد کي ترجيح ڏيڻ گهرجي

ذاتي مفادن لاءِ اسان هر روز پاڪستان کي برو ڀلو چوندا آهيون جيتوڻيڪ هن ملڪ مان فائدو به حاصل ڪندا آهيون

ان جي وسيلن مان به فائدو حاصل ڪندا آهيون. سياسي بليڪ ميلنگ جي اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته پاڪستان کي ورهائڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو ۽ ملڪ مستحڪم ۽ انشاءَ الله قائم ۽ دائم رهندو. سياسي اختلافن باوجود ملڪ جي سلامتي، خودمخ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان پرڏيهي وفد ملاقات ڪندي

شهباز شريف جو 3 تحت فتنه الهندستان خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنه 3 تحت فتنه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

لاڙڪاڻي ۾ زرعي زمين جي تڪرار تان پٽ هٿان ماءُ قتل

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ زرعي زمين جي تڪرار تان پٽ مبينا طور فائرنگ ڪري پنهنجي ماءُ کي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو. پوليس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

سيڪيورٽي فورسز جي بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنه 3 تحت فتنه الهندستان خلاف ڀرپور ڪارروائين جي نتيجي ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو

ڪوئٽا (م ر) سيڪيورٽي فورسز جي بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنه 3 تحت فتنه الهند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

آرٽس ڪائونسل ڪراچي کي سنڌ انفارميشن ڪميشن جو نوٽيس، 3 نومبر تي ٻڌڻي ٿيندي

شڪايت نمبر 407/2026 جي ٻڌڻي 3 نومبر 2026ع تي منجهند هڪ وڳي مقرر ڪئي وئي

آرٽس ڪائونسل کي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيڻ باوجود مقرر قانوني مدي اندر گهربل معلومات فراهم نه ڪئي وئي

ڪراچي(رپورٽر) آرٽس ڪائونسل ڪراچي کي سنڌ انفارميشن ڪميشن جو نوٽيس، 3 نومبر تي ٻڌڻي ٿي3ديسنڌ انفارميشن ڪميشن. آرٽس ڪائونسل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪيس موجوده سياسي صورتحال ۾ باني پي ٽي آءِ عمران خان لاءِ سٺا ڏينهن نظر نٿا اچن: منظور وسان

عمران خان ۽ سندس جماعت کان اميد نه هئي ته هو ايتري جلدي نون صوبن جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيندا

سنڌ جي پنهنجي هڪ تاريخ ۽ سڃاڻپ آهي، ان کي ٻين صوبن سان گڏ ملائي نٿو ڏسي سگهجي

سنڌ جي عوام ۽ سنڌ اسيمبلي نون صوبن جي قيام واري تجويز تي پنهنجو فيصلو ٻڌائي چڪا آهن ۽ ان کي رد ڪري چڪا آهن

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي سينيئر اڳواڻ منظور وسان اڳڪٿي ڪئي آهي ته ڪيس موجوده سياسي صورتحال ۾ باني پي ٽي آءِ عمران خان لاءِ سٺا ڏينهن نظر نٿا اچن پارٽي اڳواڻن ۽ ٻين ماڻهن سان ملاقات ۾ ڳالهائيندي منظور وسان چيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ايمان ۽ هادي کي 10،10 سال قيد جي سزا

اسلام آباد جي دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج طاهر عباس سپرا اڊيالا جيل ۾ فيصلو ٻڌايو

جنهن ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي کي 10_10 سال قيد سان گڏ ڏنڊ جون سزائون به ٻڌايون ويون

اسلام آباد (بيورو) دهشتگردي جي انت واري عدالت بيريئر هٽائڻ ۽ سرڪاري ڪم ۾ مداخلت جي ڪيس ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺ ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

نورين نيازي جي طبيعت خراب، جيل مان اسپتال منتقل

جيل ۾ طبيعت خراب ٿيڻ سبب نورين نيازي کي پنجاب انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيولاجي منتقل

نورين نيازي کي غيرقانوني طور نظربند رکيو ويو آهي ۽ کيس اسپتال منتقل ڪرڻ بابت خاندان جي ڪنهن به فرد کي اطلاع نه ڏنو ويو

لاهور(م ر) پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀيڻ نورين نيازي جي طبيعت خراب ٿيڻ بعد کيس ڪوٽ لکپت جيل مان اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

بلوچستان ۾ ٽرين آپريشن اڄ هڪ ڏينهن لاءِ معطل

پشاور کان ڪوئيٽا ايندڙ جعفر ايڪسپريس کي سنڌ جي شهر جيڪب آباد تائين محدود ڪيو ويو

ضروري مرمتي ڪم سبب ٽرين آپريشن هڪ ڏينهن لاءِ معطل ڪيو ويو آهي

ڪوئيٽا (م ر) بلوچستان ۾ ٽرين آپريشن اڄ هڪ ڏينهن لاءِ معطل ڪيو ويو آهي. پاڪستان ريلوي جي اختيارين موجب، ڪوئيٽا کان پشاور ويند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

رستم ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، اهلڪار شهيد

شهيد اهلڪار جي سڃاڻپ نهال بروهي جيئي نالي سان ٿي آهي. واقعي بعد حملي آور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

شهيد پوليس اهلڪار جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

شڪارپور (رپورٽر) رستم چوڪ پرسان اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ، پوليس اهلڪار شهيد. تفصيل موجب شڪارپور جي علائقي رستم چوڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سپريم ڪورٽ بار چونڊون، ڪراچي ۾ پولنگ دير جو شڪار

ڪراچي ۾ پولنگ دير جو شڪار ٿي وئي آهي، لاهور ۾ سپريم ڪورٽ بار جي سالياني چونڊن لاءِ ووٽنگ جاري آهي

4 هزار 634 رجسٽرڊ ووٽر پنهنجو حق راءِ استعمال ڪندا. ڪراچي ۽ لاهور ۾ پولنگ شام 5 وڳي تائين جاري رهندي

ڪراچي (رپورٽر) سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي 2026_27ع لاءِ سالياني چونڊن ۾ لاهور اندر پولنگ جو عمل جاري آهي. جڏهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

لاهور: وزيراعلي پنجاب مريم نواز شريف سان لاهور چيمبر علي حسام اصغر ملاقات ڪندي

سنڌ حڪومت پاران ايندڙ مهيني سکر ۾ ٽن ڏينهن واري سنڌ ويزن پروگرام جو انعقاد، انتظامن جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس

ٽن ڏينهن وارو سنڌ ويزن پروگرام 26 کان 28 نومبر تائين منعقد ڪيو ويندو، جنهن ۾ 600 کان وڌيڪ نامور ملڪي ۽ غير ملڪي شخصيتن کي مدعو ڪيو ويندو

سنڌ ويزن جي مهمانن ۾ سفارتڪار، صنعتڪار، صحافت، صنعت و تجارت، ادب ۽ فن سان تعلق رکندڙ نمايان شخصيتون شامل هونديون

وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه، سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ سميت ٻيا اعليٰ حڪومتي عهديدار شرڪت ڪندا

سکر (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران ايندڙ مهيني سکر ۾ ٽن ڏينهن وارو سنڌ ويزن پروگرام منعقد ٿيندو. انهيءَ سلسلي ۾ گهربل انتظامن بابت سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ ۽ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي گڏيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

وحدت سنڌ مارچ لاءِ 22 نومبر تي ڪراچي پهچو، رياض چانڊيو جي سنڌ واسين کي اپيل

جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانڊيو وحدت سنڌ مارچ جي دعوت ڏيڻ لاءِ عمرڪوٽ پهتو

سنڌ جا وسيلا ڦري سنڌين جي تاريخ ۽ وطن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

سنڌ سنڌين وطن آهي ۽ ان جي تاريخ کي تباهه ٿيڻ نه ڏنو ويندو، تنهنڪري 22 نومبر تي وڏي انگ ۾ ڪراچي پهچن

عمرڪوٽ(رپورٽر) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو 22 نومبر تي ڪراچي ۾ لکين سنڌين کي گڏ ٿيڻ جي اپيل ڪري ڇڏي. جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانڊيو وحدت سنڌ مارچ جي دعوت ڏيڻ لاءِ عمرڪوٽ پهتو. جتي پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته سنڌ جا وسيلا ڦري سنڌين جي تاريخ ۽ وطن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن سنڌ و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جو ڊگري ڪاليج ٺٽو جو دورو، تعليمي سرگرمين جو جائزو

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، صوبائي وزير اوقاف، زڪوات، عشر ۽ مذهبي معاملات سيد رياض حسين شاهه شيرازي ڊگري ڪاليج ٺٽو جو دورو ڪيو

جتي هن استادن ۽ شاگردن سان ملاقات ڪئي، تعليمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ڪاليج ۾ جاري تدريسي سرگرمين جو جائزو ورتو

تعليم ڪنهن به معاشري جي ترقي ۽ خوشحالي جو بنياد آهي. معياري تعليم جي فروغ لاءِ استادن، تعليمي ادارن جي انتظاميا ۽ شاگردن کي گڏيل طور پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻيون پونديون

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جو ڊگري ڪاليج ٺٽو جو دورو، تعليمي سرگرمين جو جائزو _ استاد معياري تعليم جي فراهمي ۽ شاگردن جي بهتر تربيت لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. صوبائي وزير /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ايف آءِ اي انساني اسمگلنگ ۽ غير قانوني لڏپلاڻ خلاف ڪارروايون تيز

هلندڙ سال لڳ ڀڳ 30 کان 40 عورتن کي مختلف ايئرپورٽن تي ٻاهرين ملڪ روانگي کان روڪي ڇڏيو

جيئن انساني اسمگلنگ، مالي نقصان ۽ ممڪن استحصال کان محفوظ رهي سگهن

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) انساني اسمگلنگ ۽ غير قانوني لڏپلاڻ خلاف ڪارروايون تيز ڪندي هلندڙ سال لڳ ڀڳ 30 کان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

عمرڪوٽ ۾ 14 سالن جي گهٽ عمر نينگري صنم جي مبينا زبردستي شادي ڪرائڻ واري معاملي تي سرڪار جي مدعيت ۾ چار جوابدارن خلاف وومين ٿاڻي ۾ ڪيس داخل

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ ۾ 14 سالن جي گهٽ عمر نينگري صنم جي مبينا زبردست/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

حافظ آباد: رائيونڊ کان قافلو کڻي چنيوٽ ويندڙ بس سيم نالي ۾ ڪري پئي، 5 ڄڻا فوت، 30 زخمي

واقعي جي اطلاع ملندي ئي مسافرن کي ريسڪيو ڪرڻ لاءِ آپريشن شروع ڪيو ويو، زخمي ۽ فوت ٿي ويلن کي تعلقه هيڊ ڪوارٽر اسپتال پنڊي ڀٽيان منتقل ڪيو ويو

مسافر بس ۾ قافلو رائيونڊ کان چنيوٽ اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ وڃي رهيو هو : ريسڪيو اختيار

بس حادثي جو شڪار ٿيڻ سبب 5 ڄڻا فوت 30 زخمي ٿي پيا جن مان ڪجهه جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي

حافظ آباد (م ر) حافظ آباد ۾ بس سيم نالي ۾ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا، نجي چينل جي رپورٽ موجب حافظ آباد ۾ فتڪي فلائي اوور تي مسافر بس تيز رفتاري سان وڃي رهي هئي ته ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري سيم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
جمعو 30 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 18 جمادي الاول 1448 ھ

عدليه جي آزادي ۽ ضمير جو آواز

جمهوري نظام جي مضبوطي، آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ آزاد عدليه بنيادي حيثيت رکي ٿي. ڪنهن به ملڪ ۾ عدالتون رڳو قانون جي تشريح ۽ فيصلن جو ادارو نه هونديون آهن، پر اهي عام شهريءَ جي حقن، انصاف جي فراهمي ۽ حڪمرانن جي اختيارن تي آئيني حدون مقرر ڪرڻ جو اهم ذريعو پڻ هونديون آهن. جڏهن عدليه جي آزاديءَ بابت سوال اٿن، ججن جي مقررين ۽ بدلين تي انتظامي اثراندازيءَ جا خدشا ظاهر ٿين ۽ عوام جو عدالتن تي اعتماد ڪمزور ٿيڻ لڳي، تڏهن اهو معاملو رڳو عدالتي نظام تائين محدود نٿو رهي، پر سڄي رياستي ڍانچي ۽ جمهوري مستقبل لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي وڃي ٿو لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس محسن اختر ڪيانيءَ جي استعيفيٰ بابت سامهون آيل خبر به اهڙن ئي بنيادي سوالن کي جنم ڏئي ٿي، جن تي ملڪ جي سياسي قيادت، عدالتي ادارن ۽ عوام کي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي.

28 آڪٽوبر 2026 ع تي شايع ٿيل رپورٽ موجب، جسٽس محسن اختر ڪياني پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيندي صدر آصف علي زرداريءَ ڏانهن خط موڪليو آهي. رپورٽ ۾ سندس استعيفيٰ جا جيڪي سبب ڄاڻايا ويا آهن، تن ۾ 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن کان پوءِ عدليه جي آزاديءَ تي پوندڙ اثرن، ججن جي مقررين ۽ بدلين ۾ انتظاميه جي ڪردار ۽ عوام جي عدالتي نظام تان اعتماد گهٽجڻ بابت خدشا شامل آهن. هن پنهنجي موقف ۾ چيو ته موجوده حالتن ۾ سندس ضمير کيس جج جي حيثيت سان ڪم جاري رکڻ جي اجازت نٿو ڏئي. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي هڪ فرد جو فيصلو آهي، پر ان جي پويان اٿندڙ سوالن جي اهميت تمام گهڻي آهي، ڇاڪاڻ ته عدليه جي آزاديءَ جو تعلق ڪنهن هڪ جج يا اداري سان نه، پر هر ان شهريءَ سان آهي، جيڪو انصاف لاءِ عدالت جو در کڙڪائي ٿو.

جج جي عهدي کي رڳو اختيار، مرتبي يا ملازمت طور ڏسڻ درست نه ٿيندو. عدالتي منصب هڪ وڏي آئيني ذميواري آهي، جنهن جو بنيادي مقصد بنا ڪنهن فرق جي هر ماڻهوءَ کي انصاف فراهم ڪرڻ آهي. جج جڏهن عدالت ۾ ويهي ڪنهن طاقتور حڪمران، سرڪاري اداري، سياسي جماعت يا عام شهريءَ جي معاملي جو فيصلو ڪري ٿو، تڏهن سندس سڀ کان وڏي طاقت آئين ۽ قانون سان وفاداري هوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن جج کي اهو محسوس ٿئي ته سندس اداري جي آزادي متاثر ٿي رهي آهي يا سندس مقرري ۽ بدليءَ جا معاملا اهڙي نموني هلي رهيا آهن، جن سان عدالتي خودمختياريءَ بابت سوال پيدا ٿين ٿا، ته اهو خدشو سنجيده بحث جو موضوع بڻجڻ گهرجي. اهڙن خدشن کي نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جو آئيني ۽ قانوني بنيادن تي جائزو وٺڻ رياستي ادارن جي ذميواري آهي.

عدليه جي آزاديءَ جو مطلب اهو ناهي ته عدالتون آئين ۽ قانون کان مٿانهون ٿي وڃن يا سندن ڪنهن به فيصلي تي تنقيد نه ٿي سگهي. آزاد عدليه جو اصل مطلب اهو آهي ته جج ڪنهن سياسي، انتظامي، معاشي يا ذاتي دٻاءَ کانسواءِ قانون موجب فيصلو ڪري سگهن. ساڳئي وقت عدليه به پنهنجي فيصلن، ڪارڪردگيءَ ۽ احتساب جي اصولن کان آجي نه آهي. ادارن جي مضبوطيءَ لاءِ آزادي ۽ جوابدهي ٻئي ضروري آهن، پر جوابدهيءَ جي نالي ۾ اهڙو انتظامي اثر قائم نه ٿيڻ گهرجي، جيڪو ججن جي آزاديءَ يا سندن فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت کي متاثر ڪري. اهڙي توازن سان ئي قانون جي حڪمراني قائم رهي سگهي ٿي.

26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن بابت جسٽس محسن اختر ڪيانيءَ جي استعيفيٰ ۾ ظاهر ڪيل خدشا هڪ وسيع آئيني بحث ڏانهن اشارو ڪن ٿا. آئيني ترميمون پارليامينٽ جي آئيني اختيار جو حصو آهن، پر انهن جي اهميت رڳو قانوني منظوريءَ تائين محدود نه هوندي آهي. اهڙين ترميمن جو جائزو ان بنياد تي به وٺڻ ضروري آهي ته اهي ادارن جي وچ ۾ اختيارن جي ورهاست، عدالتي خودمختياري، ججن جي مقرريءَ جي طريقيڪار ۽ عام ماڻهن جي انصاف تائين پهچ تي ڪهڙا اثر ڇڏين ٿيون. پارليامينٽ، انتظاميه ۽ عدليه سڀئي رياست جا اهم ٿنڀا آهن، پر ڪنهن هڪ اداري جي اختيارن ۾ اهڙي تبديلي، جيڪا ٻين ادارن جي خودمختياريءَ بابت سوال پيدا ڪري، تنهن تي کليل، سنجيده ۽ قانوني بحث ٿيڻ گهرجي. ججن جي مقررين ۽ بدلين جو معاملو خاص طور تي حساس آهي. مقرريءَ جو طريقو اهڙو هجڻ گهرجي، جنهن ۾ ميرٽ، قانوني معيار، شفافيت ۽ اداري جي آزاديءَ کي اوليت حاصل هجي. جيڪڏهن ڪنهن جج کي هڪ هاءِ ڪورٽ مان ٻيءَ هاءِ ڪورٽ منتقل ڪيو وڃي ته ان عمل بابت قانوني طريقيڪار ۽ آئيني اختيارن جي پابنديءَ سان گڏ ان جي شفافيت به اهم آهي. ڪنهن به منتقليءَ کي رڳو ان ڪري غلط قرار نٿو ڏئي سگهجي ته ان بابت اعتراض ڪيو ويو آهي، پر ساڳئي وقت ڪنهن به انتظامي فيصلي کي رڳو اختيار جي بنياد تي سوالن کان مٿانهون به نٿو سمجهي سگهجي. ضروري آهي ته اهڙن فيصلن جي قانوني حيثيت، سببن ۽ طريقيڪار بابت واضح وضاحت موجود هجي، جيئن عدالتي نظام جي غيرجانبداريءَ تي غيرضروري شڪ پيدا نه ٿين.

عدليه تي عوام جو اعتماد ڪنهن اعلان يا نعري سان قائم نٿو رهي. اهو اعتماد تڏهن پيدا ٿيندو آهي، جڏهن غريب ۽ امير، حڪمران ۽ مخالف، بااثر ۽ بي پهچ ماڻهو عدالت ۾ هڪجهڙي قانوني تحفظ جا حقدار هجن. جڏهن عام شهريءَ کي يقين هجي ته سندس ڪيس جو فيصلو سياسي وابستگي، ذاتي لاڳاپن يا حڪومتي اثر بدران ثبوتن ۽ قانون جي بنياد تي ٿيندو، تڏهن عدالتي ادارن جي ساک مضبوط ٿيندي آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ماڻهن ۾ اهو تاثر پيدا ٿئي ته عدالتن جا فيصلا يا ججن جا انتظامي معاملا ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ کان متاثر ٿي سگهن ٿا، ته انصاف جي نظام تي اعتماد گهٽجڻ لڳندو آهي. اهو نقصان ڪنهن هڪ ڌر جو نه، پر سڄي سماج جو هوندو آهي.

پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي عام ماڻهو اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري، معاشي اڻبرابري ۽ ڪيترن ئي سماجي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي، اتي انصاف جي فراهميءَ ۾ دير يا عدالتي ادارن بابت غيريقينيءَ جو ماحول ماڻهن جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿو. عدالتون ڪمزور طبقي لاءِ اميد جو هڪ اهم دروازو آهن. زمينن جي تڪرارن، روزگار جي حقن، شهري آزاديءَ، سياسي حقن ۽ سرڪاري اختيارن جي ناجائز استعمال خلاف عام ماڻهوءَ جي آخري اميد عدالتي انصاف هوندي آهي. جيڪڏهن عدليه جي آزاديءَ بابت سوال وڌندا ته ان جا اثر رڳو وڪيلن، ججن يا سياستدانن تائين محدود نه رهندا، پر انهن ماڻهن تائين به پهچندا، جن وٽ پنهنجي حق لاءِ آواز اٿارڻ جا ٿورا وسيلا گهٽ آهن. جسٽس محسن اختر ڪيانيءَ جي استعيفيٰ کي به رڳو هڪ جج جي ذاتي فيصلي طور ڏسي نظرانداز ڪرڻ مناسب نه ٿيندو. استعيفيٰ ڏيڻ سندس آئيني ۽ قانوني حقن جي دائري ۾ هڪ ذاتي فيصلو آهي، پر هن پاران بيان ڪيل سبب عدالتي نظام جي مستقبل بابت بحث جي گهر ڪن ٿا. ساڳئي وقت ڪنهن به اداري يا شخص بابت حتمي نتيجي تي پهچڻ کان اڳ لاڳاپيل قانوني حقيقتن، آئيني ترميمن جي اصل متن ۽ مقررين يا بدلين جي طريقيڪار کي به ڏسڻ ضروري آهي. جمهوري سماج ۾ اختلافن جو حل الزام بازيءَ يا جذباتي بيانن سان نه، پر دليل، شفافيت ۽ قانوني جاچ سان ڪيو ويندو آهي. هن صورتحال ۾ حڪومت ۽ پارليامينٽ جي ذميواري وڌي وڃي ٿي ته اهي عدليه بابت پيدا ٿيل خدشن کي سنجيدگيءَ سان وٺن ۽ اهڙو ماحول پيدا ڪن، جنهن ۾ جج بنا ڪنهن خوف يا دٻاءَ جي پنهنجا فرض ادا ڪري سگهن. عدالتي قيادت کي به گهرجي ته اداري جي آزادي، اندروني شفافيت ۽ عوامي اعتماد کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. وڪيل برادري، سياسي جماعتن، سول سوسائٽي ۽ صحافتي ادارن کي به گهرجي ته عدليه جي آزاديءَ بابت بحث کي اصولن ۽ آئيني بنيادن تي اڳتي وڌائين. ان معاملي کي سياسي مفادن جي جنگ بڻائڻ بدران ملڪ جي عدالتي مستقبل سان ڳنڍڻ گهرجي. جج جي ضمير جو آواز ان وقت وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ٿو، جڏهن اهو ڪنهن ذاتي فائدي بدران آئيني ذميواريءَ، قانون جي حڪمراني ۽ ادارن جي آزاديءَ بابت سوال اٿاري. بهرحال، ڪنهن به جج جي استعيفيٰ عدالتي نظام جي مسئلن جو مڪمل حل نه آهي. اصل حل اهڙي مضبوط آئيني نظام ۾ آهي، جتي ججن جي مقررين ۽ بدلين جو عمل شفاف هجي، عدالتي فيصلا آزاداڻي نموني ٿي سگهن، ادارا پنهنجي حدن اندر ڪم ڪن ۽ عوام کي بنا فرق جي انصاف ملي. جيڪڏهن ڪنهن جج کي پنهنجي ضمير ۽ منصب جي وچ ۾ اهڙو تضاد محسوس ٿئي، جو هو عهدي تي رهڻ ممڪن نه سمجهي، ته ان صورتحال جي سببن کي سنجيدگيءَ سان سمجهڻ ضروري آهي.

آخرڪار، عدليه جي آزادي ڪنهن جج جو ذاتي مطالبو يا ڪنهن سياسي ڌر جو نعرو نه، پر آئيني رياست جي بنيادي ضرورت آهي. جسٽس محسن اختر ڪيانيءَ جي استعيفيٰ بابت رپورٽ ملڪ جي حڪمرانن ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن لاءِ غور ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿي ته ڇا عدالتي خودمختياريءَ بابت خدشن کي ختم ڪرڻ، ججن جي مقررين ۽ بدلين ۾ شفافيت آڻڻ ۽ عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ گهربل قدم کنيا پيا وڃن؟ رياست جي مضبوطي تڏهن ممڪن آهي، جڏهن قانون طاقتور ۽ ڪمزور ٻنهي لاءِ هڪجهڙو هجي، ادارا هڪ ٻئي جي آئيني حدن جو احترام ڪن ۽ انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل جج ڪنهن به دٻاءَ کانسواءِ فيصلا ڪري سگهن. ضمير جي آواز کي ٻڌڻ سان گڏ ان آواز جي پويان موجود آئيني سوالن جا جواب ڳولڻ ئي حقيقي جمهوري ذميواري آهي.

برازيل ۾ کابي ڌر جي اڳواڻ لولا ڊي سلوا جي چوٿين ڪاميابي: آمريڪا جي سامراجي بالادستي کي ڌڪ!

ثقلين امام

برازيل جي تازي صدارتي چونڊن جيڪا تاريخ رقم ڪئي آهي، تنهن سڄي دنيا جي سياسي ايوانن ۾ هڪ نئين تحرڪ کي جنم ڏنو آهي. 25 آڪٽوبر 2026 ع تي ٿيل صدارتي چونڊ جي ٻئي ۽ آخري مرحلي ۾ 80 سالن جي کابي ڌر جي تجربيڪار اڳواڻ لوئيز انسيو لولا ڊي سلوا 51.79 سيڪڙو يعني 64,256,232 ووٽ حاصل ڪري هڪ تاريخي ۽ شاندار ڪاميابي ماڻي. سندس مخالف، ساڄي ڌر جي سخت گير اڳواڻ فلاويو بولسونارو کي 48.21 سيڪڙو يعني 59,826,041 ووٽ مليا. جيتوڻيڪ ٻنهي اميدوارن جي وچ ۾ 4.43 ملين (44 لک 30 هزار کان وڌيڪ) ووٽن جو فرق ظاهري طور تمام وڏو نظر نٿو اچي، ڇاڪاڻ ته فلاويو بولسونارو به لڳ ڀڳ 60 ملين ووٽ حاصل ڪري پنهنجي مضبوط عوامي مقبوليت واري بنياد جو ثبوت ڏنو آهي، پر هن مقابلي جي حقيقي اهميت رڳو ووٽن جي ڳڻپ تائين محدود ناهي. هيءَ چونڊ رڳو هڪ مقامي صدارتي ڊوڙ نه هئي، پر اها گلوبل سائوٿ جي سياسي ۽ معاشي خودمختياري، بين الاقوامي طاقت جي توازن ۽ ڌرتيءَ جي اولهه واري خطي تي واشنگٽن جي ڏاڍ کان قائم بالادستيءَ جي مستقبل جو فيصلو ڪندڙ هڪ اهم موڙ ثابت ٿي آهي.

برازيل جي هن چونڊ جمهوري تاريخ جو هڪ اهڙو شاندار باب رقم ڪيو آهي، جنهن جو مثال جديد لاطيني آمريڪا ۾ نٿو ملي.

هن فتح جي ڊرامائي نوعيت کي سمجهڻ لاءِ لولا ڊي سلوا جي سياسي سفر ۽ پهرئين مرحلي جي نتيجن تي نظر وجهڻ ضروري آهي. 27 آڪٽوبر 1945 ع تي اتر اوڀر برازيل جي هڪ غريب علائقي پرنامبوڪو ۾ پيدا ٿيندڙ لولا جو ننڍپڻ انتهائي سخت غربت ۾ گذريو. هن ننڍي عمر ۾ ئي هڪ صنعتي ليٿ آپريٽر (خراڪار) طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جتي هڪ حادثي ۾ سندس هڪ آڱر به ضايع ٿي وئي.

1970 ع واري ڏهاڪي ۾ فوجي آمريت جي سخت ترين دور ۾ هو ڌاتوءَ جي شعبي جي مزدورن جي يونين جو سربراه بڻيو ۽ مزدور تحريڪن جي اڳواڻي ڪندي ابري آيو. 1980 ع ۾ هن ٻين دانشورن ۽ سماجي ڪارڪنن سان گڏجي ورڪرز پارٽيءَ جو بنياد وڌو. هڪ اڳوڻي ليٿ آپريٽر ۽ يونين اڳواڻ جي اها جدوجهد اڄ کيس هن تاريخي مقام تائين وٺي آئي آهي 4 آڪٽوبر 2026 ع تي ٿيل پهرئين مرحلي ۾ فلاويو بولسونارو 47.03 سيڪڙو ووٽ کڻي لولا (45.16 سيڪڙو) تي لڳ ڀڳ 2.23 ملين (22 لک 30 هزار) ووٽن جي واضح برتري حاصل ڪري چڪو هو. برازيل جي آئين موجب ڪاميابيءَ لاءِ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ گهربل هوندا آهن، جنهن سبب چونڊ ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي.

1989 ع ۾ برازيل ۾ فوجي آمريت جي خاتمي ۽ سڌي صدارتي جمهوريت جي بحاليءَ کان وٺي هينئر تائين ائين ڪڏهن به نه ٿيو هو ته پهرئين مرحلي ۾ ٻئي نمبر تي رهندڙ اميدوار ٻئي مرحلي ۾ نتيجو پنهنجي حق ۾ بدلائي سگهي. لولا ڊي سلوا ان روايت کي ٽوڙي هڪ ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاريو. هن فتح سان لولا ڊي سلوا پنهنجي زندگيءَ ۾ چوٿون ڀيرو برازيل جو صدر چونڊجي ويو آهي. جيتوڻيڪ سندس اهي مدتون لڳاتار نه آهن. هو ان کان اڳ 2003 ع کان 2010 ع تائين ٻه ڀيرا، پوءِ 2023 ع ۾ ٽيون ڀيرو ۽ هاڻي 2026 ع جي چونڊن ۾ فتح کان پوءِ 5 جنوري 2027 ع کان پنهنجي چوٿين صدارتي مدي جي باضابطه شروعات ڪندو. رڳو ٽن هفتن جي مختصر عرصي ۾ 2.23 ملين ووٽن جي خساري کي ختم ڪري 4.43 ملين ووٽن جي حتمي برتري حاصل ڪرڻ اهو ثابت ڪري ٿو ته ادارن جي روايتي بالادستيءَ تي عوام تي ٻڌل متحرڪ ۽ جديد حڪمت عملي هميشه ڀاري پوندي آهي. لولا ڊي سلوا جي ڪاميابيءَ کي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي لاطيني آمريڪا بابت اسٽريٽجڪ پاليسي، خاص طور تي نام نهاد ڊونرو ڊاڪٽرائن لاءِ هڪ تمام وڏو سياسي ۽ سفارتي ڌڪ قرار ڏنو پيو وڃي. هي اصطلاح 1823 ع جي تاريخي منرو ڊاڪٽرائن ۽ ڊونلڊ ٽرمپ جي موجوده غير متوقع پرڏيهي پاليسيءَ جي ميلاپ مان جوڙيو ويو آهي. هن حڪمت عمليءَ جو بنيادي مقصد اولهه واري اڌ گولي (ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا) تي واشنگٽن جي مڪمل سياسي، اقتصادي ۽ فوجي بالادستي قائم رکڻ آهي، ته جيئن چين، روس يا برڪس جو وڌندڙ اثر رسوخ آمريڪي سرحدن جي ويجهو پنهنجا پير ڄمائي نه سگهي.

ٽرمپ انتظاميا هن ڊاڪٽرائن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ خطي ۾ غير معمولي ۽ جارحاڻا قدم کنيا. جنوري 2026 ع ۾ آمريڪي فوجي ڪارروائيءَ ذريعي وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس گهرواريءَ کي گرفتار ڪري واشنگٽن منتقل ڪيو ويو. ساڄي ڌر جي آزاد منڊيءَ جي حامي صدر خاويئر ميلي جي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ 2025 ع ۾ 20 ارب ڊالرن جي ڪرنسي سوئپ سهولت ۽ وڌيڪ 20 ارب ڊالرن جي تجويز ڪيل مالي امداد ڏني وئي. وچ آمريڪي ملڪ هنڊوراس ۾ قدامت پسند اميدوار ناصري اسفورا جي کليل حمايت ڪئي وئي ۽ آمريڪي مالي امداد کي سندس فتح سان مشروط ڪيو ويو. 2025 ع ۾ لولا حڪومت تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ برازيل جي اهم برآمدات تي 50 سيڪڙو تائين سخت ٽيرف (محصول) لاڳو ڪيا ويا. برازيل لاطيني آمريڪا جو سڀ کان اهم ملڪ آهي. جيڪو سڄي خطي جي جي ڊي پي جي لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو حصي تي مشتمل آهي. 200 ملين کان وڌيڪ آبادي، وسيع زرعي پيداوار، اهم معدنيات ۽ توانائيءَ جي بنياد جي ڪري برازيل هن خطي جو سڀ کان وڏو معاشي انجڻ ۽ برڪس جو باني ميمبر آهي. لولا جي فتح واشنگٽن کي واضح پيغام ڏنو آهي ته برازيل آمريڪا جي طفيلي رياست بڻجڻ لاءِ بلڪل تيار ناهي. لولا هڪ خودمختيار پرڏيهي پاليسيءَ جو حامي آهي، جيڪا خطي کي واشنگٽن جي حڪمن جي تابع ڪرڻ واري منصوبي آڏو هڪ مضبوط رڪاوٽ بڻجي چڪي آهي.

برطانيا جي ممتاز تحقيقي اداري چيٿم هائوس جي تجزيي نگار ماريانو اگوئيري ارنسٽ جو چوڻ آهي ته آمريڪي صدر جو برازيل تي واپاري ۽ سياسي دٻاءُ رڳو هڪ طرفو تڪرار ناهي، پر برڪس جي ميمبرن کي اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش آهي ته آمريڪي مفادن سان اختلاف ڪرڻ جي قيمت ادا ڪرڻي پئجي سگهي ٿي. واشنگٽن طرفان لاڳو ڪيل شديد معاشي ۽ سياسي دٻاءُ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ لولا جي چونڊ مهم ملڪ اندر جيڪا ڊجيٽل تحريڪ شروع ڪئي، تنهن چونڊ مهمن جو رخ هميشه لاءِ بدلائي ڇڏيو. پهرئين مرحلي جي ڌڪ کان پوءِ لولا جي ٽيم روايتي جلسن تي ڀاڙڻ گهٽائي آخري ٽن هفتن ۾ ڊجيٽل ۽ سڌي رابطي کي پنهنجي مهم جو بنيادي محور بڻايو. مهم غريب ۽ مزدور طبقي کي آگاهه ڪيو ته ساڄي ڌر جي اقتدار ۾ اچڻ سان سماجي تحفظ ۽ فلاحي پروگرامن جو خاتمو ٿي ويندو. هن جارحاڻي مهم جي نتيجي ۾ ووٽ نه وجهندڙن جي شرح 21.08 سيڪڙو مان گهٽجي 19.21 سيڪڙو تي اچي وئي ۽ رڪارڊ 128.2 ملين ماڻهو پولنگ اسٽيشنن تائين پهتا. برازيل جي پارليامينٽ جي ميمبر آندري جانونس وانس ايپ تي لولا جي فوج نالي هڪ ناماياتي نيٽ ورڪ تيار ڪيو، جنهن ۾ 10 ملين (هڪ ڪروڙ) کان وڌيڪ سرگرم رضاڪار شامل ٿيا. هن نيٽ ورڪ جعلي خبرن جو فوري جواب ڏنو ۽ ووٽرن کي سڌي ريت متحرڪ ڪيو.

15 آڪٽوبر تي لولا جي چونڊ مهم الزام لڳايو ته ميٽا جا الگورتم ۽ مصنوعي ذهانت جا فلٽر فلاويو بولسونارو جي مواد کي هٿي ڏئي رهيا آهن. معاملي جي سنگينيءَ کي ڏسندي برازيل جي سپيريئر اليڪٽرل ڪورٽ مداخلت ڪئي ۽ 20 آڪٽوبر تي ميٽا کي سمورن اميدوارن کي هڪجهڙي ڪوريج ڏيڻ جو پابند بڻايو. چونڊ نتيجن کان پوءِ ڊجيٽل ڪارڪنن جي هن اڳڀرائيءَ کي ساراهيندي لولا ڊي سلوا تاريخي لفظن ۾ اعلان ڪيو ته هيءَ 'آرمي آف ڊيموڪريسي' چين، روس ۽ آمريڪا جي سمورين روايتي فوجن کان وڌيڪ طاقتور ثابت ٿي آهي، جنهن جمهوريت جو تحفظ ڪيو آهي. لولا ڊي سلوا جي ڪاميابي ملٽي پولر ورلڊ (گهڻ قطبي دنيا) جي تشڪيل ۽ 'گلوبل سائوٿ' جي خودمختياريءَ جو هڪ اهم مظهر آهي. لولا جي پرڏيهي پاليسيءَ جو مقصد آمريڪا سان لاڳاپا خراب ڪرڻ ناهي، پر هو واشنگٽن، بيجنگ، ماسڪو ۽ نئين دهلي سميت سمورين وڏين طاقتن سان هڪجهڙائي ۽ برابريءَ جي بنياد تي سفارتي ۽ واپاري لاڳاپن جو قائل آهي. هو هڪ اهڙي بين الاقوامي نظام جو حامي آهي، جتي ڪا به هڪ سپر پاور باقي دنيا لاءِ سياسي يا اقتصادي حدون مقرر نه ڪري سگهي.

عالمي سطح تي به لولا جي ڪاميابيءَ جي آجيان ڪئي وئي. چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان گوئو جياڪون لولا کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته چين برازيل سان گڏيل مستقبل تي ٻڌل اسٽريٽجڪ پائيداريءَ کي وڌيڪ وسيع ڪندو. ڪريملن جي ترجمان دميتري پيسڪوف نتيجن جي آجيان ڪندي چيو ته لولا برڪس جي عمل ۽ گهڻ رخي لاڳاپن کي اڳتي وڌائڻ ۾ هميشه بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. برڪس جي نئين ميمبر ايران هن فتح کي لاطيني آمريڪا ۾ آمريڪي هڪ طرفي غلبي لاءِ هڪ وڏو سياسي ڌڪ قرار ڏنو. برازيل هن وقت برڪس جي 'نيو ڊولپمينٽ بئنڪ' جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي، جنهن جي سربراه برازيل جي اڳوڻي صدر ڊلما روسوف آهي. لولا عالمي واپار ۾ ڊالر تي مڪمل انحصار گهٽائڻ ۽ مقامي ڪرنسين ۾ واپار کي هٿي ڏيڻ جو زبردست حامي آهي. چين ۽ برازيل جي وچ ۾ سويابين، زرعي جنسن ۽ معدنيات جو مقامي ڪرنسين ۾ واپار ان جو هڪ شاندار عملي مثال آهي. لولا جو پختو موقف آهي ته قومي خودمختياري ۽ اندروني سماجي ڀلائي هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. جيستائين ڪو ملڪ ٻاهرين آمريت کان آزاد ٿي فيصلا نٿو ڪري، تيستائين اهو پنهنجي غريب عوام جي ڀلائيءَ لاءِ آزاديءَ سان وسيلا خرچ نٿو ڪري سگهي. چونڊ نتيجا واضح ٿيڻ کان پوءِ فلاويو بولسونارو روايتي طريقو اختيار ڪيو ۽ پنهنجي شڪست تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندي نتيجن کي عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو. تنهن هوندي به هن قانوني چئلينج جي پويان ڪجهه عجيب تضاد موجود آهن. بولسونارو جي ٽيم موقف اختيار ڪيو ته پولنگ واري ڏينهن سپريم ڪورٽ جي جج ڪرسٽيانو زانن برسات ۽ مواصلاتي تعطل سبب ڪجهه علائقن ۾ پولنگ جو وقت 2 ڪلاڪ وڌايو، جنهن مان لولا کي فائدو پهتو. هن اعتراض جو سڀ کان دلچسپ ۽ تضادن سان ڀريل پهلو اهو آهي ته پولنگ واري ڏينهن خود فلاويو بولسونارو جي پنهنجي پارٽي سخت برساتن سبب پنهنجي اڪثريتي علائقن ۾ ووٽنگ جو وقت وڌائڻ جو باضابطه مطالبو ڪيو هو. جڏهن سندن پنهنجي مطالبي تي وقت وڌايو ويو، ته پوءِ نتيجا خلاف اچڻ تي ساڳئي قدم کي بنياد بڻائي سڄي چونڊ عمل کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

برازيل جو سياسي نقشو هڪ گهري اندروني ورهاست کي ظاهر ڪري ٿو. لولا اتر ۽ اتر اوڀر جي غريب ۽ مزدور اڪثريتي علائقن ۾ مڪمل سوپ ماڻي، جڏهن ته فلاويو بولسونارو ڏاکڻ ۽ مرڪزي صنعتي ۽ شاهوڪار زرعي علائقن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

برازيل جي اليڪشن ڪميشن ۽ چونڊ ادارن ۾ فلاويو جي والد، اڳوڻي صدر جائر بولسونارو جا مقرر ڪيل عهديدار اڃا به موجود آهن. ياد رهي ته جائر بولسونارو 2022 ع جي چونڊ نتيجن کي تبديل ڪرڻ ۽ بغاوت جي ڪوشش جي ڏوهه ۾ 27 سالن جي قيد جي سزا ڪاٽي رهيو آهي. اهڙي ماحول ۾ ڪنهن منظم نظاماتي ڌانڌليءَ جي دعويٰ قانوني ۽ منطقي لحاظ کان بي بنياد نظر اچي ٿي. برازيل جي هنن تاريخي چونڊن دنيا آڏو اها حقيقت پڌري ڪري ڇڏي آهي ته جيتوڻيڪ آمريڪا هڪ انتهائي طاقتور ۽ اثر رسوخ رکندڙ سپر پاور آهي، تنهن هوندي به 'گلوبل سائوٿ' جو عوام هاڻي ڪنهن ٻاهرين سياسي ايجنڊا يا استعماري حڪمرانيءَ بدران پنهنجي سماجي انصاف، معاشي خودمختياري ۽ قومي وقار کي ترجيح ڏئي رهيا آهن. لولا ڊي سلوا جي هيءَ تاريخي واپسي ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته جيڪڏهن عوامي تحريڪن کي منظم ڪيو وڃي ته اهي ڪنهن به اندروني ۽ ٻاهرين دٻاءُ آڏو سڪندري ديوار ثابت ٿي سگهن ٿيون.

لاڙ جو لاڏلو محمد حنيف ميمڻ

نويد ممتاز عباسي

هن ڌرتي تي ڪيترا اڻ ڳڻ ماڻهون پيدا ٿيا آهن جن جو نالو به ڪنهن کي ياد نه هوندو آهي وري ڪير اهڙا به هوندا آهن جنهن جو جنم قوم، ذات يا وري علائقي لاءِ خوش قسمتي هوندي آهي اهڙوئي هڪ نيڪ دل انسان محمد حنيف ميمڻ آهي جيڪو لاڙ جي زمين تي پيدا ٿيو. سندس جنم وقت هن لاڙ جي لاڏلي کي خبر نه هئي ته لاڙ جي عوام جو مسيحا هڪ ڏينهن حنيف ميمڻ پاڻ ٿيندو سندس ذات ڪنهن عهدي جي محتاج نه آهي پاڻ پنهنجي تعليم ٺٽي شهر جي اسڪول، ڪاليج مان حاصل ڪئي سندس تعلق ڪيترن ئي سياسي پارٽين سان وابسته رهيا پر اڄ به ڪو شخص ڪو نوجوان سندس گهر تي ويندو آهي ته هي شخص ان جي مدد ڪندو آهي بغير ڪنهن لالچ جي، بغير ڪنهن مطلب جي. سندس ڪوششون سان ٺٽي ضلعي ۾ جڏهن به ڪا قدرتي آفت آئي ته هن شخص پنهنجا وسيلا استعمال ڪيا هوندا جن مان هڪ دنيا جو مشهور ادارو حلال احمر آهي جيڪي سنده جي ڪجه ضلعن ۾ ڪم ڪري ٿي جن مان لاڙ ۾ سندس ڪوششون سان ڪيترن ئي آفتون ۾ حلال احمر ٺٽي ٺوڙي لاڙ جي ماڻهن جي مدد ڪئي بين الاقوامي لائنس ڪلب جهڙن ادارن ۾ ٺٽي جي ڳوٺاڻن ماڻهون جي ميمبرشپ هن شخص ڪرائي. خصوصي ماڻهون جي لاءِ هر وقت سهولتن ڏيڻ لاءِ هي شخص اڳيان اڳيان هوندو آهي. رات جو وقت هجي يا صبح جو يا شام جو سندس نمبر اڄ به هڪڙو آهي جنهن تي هو هر شخص جي فون کڻندو آهي بنا ڪنهن فرق جي سندس دروازي تان فيض وٺندو آهي ڪنهن سان ناجائزي نه هي ڪندو. لاڙ جو لاڏلو هميشه حق جي ڳالهه ڪندو آهي جنهن جي ڪري ڪيترائي دفعا ڪيس پنهنجن ئي تڪليفون ڏيڻ جي ڪوششون ڪيون پر پاڻ اڄ به انهن لاءِ دعاگو رهندو آهي. ضلعي ٺٽي ۾ شايد ڪجه شخصيتون اهڙيون هونديون جن کي پنهنجي ماڻهون جي مالڪي ڪرڻ ڪنهن پارٽي يا عهدي جي ضرورت نه آهي انهن مان محمد حنيف ميمڻ هڪ آهي. دشمن هجن يا سڄڻ هجن چوويه ڪلاڪ سندس فون هر بي يارو مددگار، بي سهارا، بي پهچ وارن لاءِ کليل هوندو آهي، ڪو دشمن به ڪيس جواب نه ڏيندو آهي. مالڪ سائين ڪيس پنهنجي علائقي جي مالڪي ڪرڻ لاءِ آباد ۽ خوش رکي (آمين).

بقايا *** 01

اسيمبلي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مخالف ڌر اڳواڻ سينيٽ کان اهم ڳالهه اها ڪئي ته اسان کي هن پارليامينٽ کي فعال بڻائڻ گهرجي، پارليامينٽ مان فيصلا ڪرائڻ گهرجن ۽ ان مقصد لاءِ هڪٻئي جو ساٿ ڏيڻ گهرجي، اهوئي پاڪستان جي مفاد ۾ آهي ته اسان پارليامينٽ کي طاقتور بڻايون. جيڪڏهن پارليامينٽ طاقتور آهي ته اسان سڀ طاقتور آهيون ۽ جيڪڏهن پارليامينٽ ۽ ان جا ميمبر بااختيار آهن ته پاڪستان جي عوام به بااختيار هوندي. ان حوالي سان حڪومت کي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ گهرجن پر ان سان گڏوگڏ ايوان کي فعال بڻائڻ ۾ مخالف ڌر جو ڪردار به ضروري آهي. جيڪڏهن مخالف ڌر اهو ڪردار ادا نه ڪندي ته انهن ماڻهن جو مقصد پورو ٿي ويندو جيڪي چاهين ٿا ته پارليامينٽ غير فعال ۽ ڪمزور رهي ۽ عوام ان اداري مان اهو فائدو حاصل نه ڪري سگهي جيڪو کين حاصل ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته جيڪڏهن مخالف ڌر فيصلو ڪيو آهي ته هو پارلياماني ڪميٽين ۾ شرڪت نه ڪندي، فنانس ڪميٽي سميت ٻين ڪميٽين ۾ پنهنجا نمائندا نه موڪليندي، ته ان سان پارليامينٽ جي ڪردار کي نقصان پهتو آهي. پنهنجي عوام، پنهنجي ٽڪن ۽ پنهنجي پارٽي جي نمائندگي ڪرڻ به مخالف ميمبرن جي ذميواري آهي جڏهن اوهان ڪميٽين ۾ شريڪ نه ٿيندا ته اوهان جي ٽڪن جا مسئلا ۽ اوهان جي عوام جو آواز اتي ڪيئن پهچندو؟ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيڪڏهن مخالف ڌر اڳواڻ واقعي سنجيده آهي ته پارليامينٽ کي فعال بڻايو وڃي ۽ سڀ گڏجي ان مقصد لاءِ ڪردار ادا ڪريون ته ان کي درخواست آهي ته پي ٽي آءِ باني قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ مخالف ڌر اڳواڻن کي جيڪي اختيار ۽ اٿارٽي ڏني آهي هو ان کي استعمال ڪري ۽ پنهنجي ميمبرن کي هدايت ڏي ته گهٽ ۾ گهٽ پارليامينٽ جي اهم ترين ڪميٽين ۾ شرڪت شروع ڪن خاص ڪري چونڊ سڌارن واري ڪميٽي جي حوالي سان منهنجي گذارش آهي ته جڏهن پارليامينٽ چونڊ سڌارن جي ڪميٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ قرارداد به منظور ڪئي وئي ته مخالف ڌر اڳواڻ ان ڪميٽي لاءِ پنهنجي نامزد ميمبرن جو نالو جمع ڪرائي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيڪڏهن اسان چونڊ سڌارن جي شروعات ڪريون ٿا ته هي هڪ اهڙو قدم ٿي سگهي ٿو ته جنهن ذريعي اسان پارليامينٽ کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائي سگهون ٿا جيڪڏهن مخالف ڌر ان سلسلي ۾ فيصلو ڪري ٿو ته پي ٽي آءِ جا ميمبر ان ڪميٽي ۾ شامل ٿين ٿا ته منهنجي خيال ۾ اها شروعات هوندي جنهن سان پارليامينٽ کي فعال بڻائڻ جي عملي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بدليل جاگرافيائي ۽ سياسي صورتحال، سلامتي، معيشت ۽ خطي جي تبديل ٿيل صورتحال جي روشني ۾ ايندڙ ڏينهن، هفتن ۽ مهينن دوران پاڪستان کي مختلف چئلينجز درپيش ٿي سگهن ٿا ان لاءِ تجويز آهي ته ناڻي وارو وزير، پرڏيهي وزير، دفاع وارو وزير ۽ گهرو وزير لاڳاپيل ادارن جا ذميوار هن ايوان ۾ اچن ۽ ميمبرن کي مڪمل بريفنگ ڏين. ايوان کي ٻڌايو وڃي ته پاڪستان کي امڪاني خطرا ڪهڙا آهن. خطي ۾ ڪهڙيون تبديليون ٿي رهيون آهن ۽ حڪومت انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙا قدم کڻي رهي آهي، عالمي سطح تي آمريڪا، روس ۽ ٻين وڏين طاقتن وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ ۽ تڪرارن جا عالمي معيشت تي ڪهڙا اثر پئجي سگهن ٿا؟ ان جا پاڪستان جي معيشت تي ڪهڙا نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا؟ ايران جي تڪرار ۽ ان جي نتيجي ۾ تيل اڳيرائي پاڪستان لاءِ ڪهڙا اثر رکي ٿي؟ انهن سمورن معاملن تي پارليامينٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ ضروري آهي. هن چيو ته اهڙي طرح پاڪستان طرفان ڪيل دفاعي معاهدن ۽ بين عالمي انتظامن جو مقصد ۽ امڪاني اثرن کان به ميمبرن کي آگاهه ڪيو وڃي ۽ اسان کي ٻڌايو وڃي ته انهن معاهدن جي اهميت ڪهڙي آهي، مستقبل ۾ انهن جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا ۽ پاڪستان کي ڪهڙن چئلينجن لاءِ تيار رهڻ گهرجي. هن چيو ته هن ايوان جي هر ميمبر جو حق آهي ته ان کي انهن معاملن تي معلومات فراهم ڪئي وڃي ۽ اسان کي ٻڌايو وڃي ته پاڪستان کي ڪهڙا مسئلا سامهون اچي سگهن. حڪومت انهن جي مقابلي لاءِ ڪهڙي تياري ڪري رهي آهي ۽ اسان سڀ گڏجي ملڪ جي مفادن جو تحفظ ڪيئن ڪري سگهون ٿا. اسان کي ايندڙ حالتن بابت واضح معلومات گهربل آهي ته جيئن حڪومت ۽ مخالف ڌر گڏجي قومي مفاد ۾ فيصلا ڪري سگهن. هن چيو ته مخالف ڌر جي ميمبرن کي به درخواست ڪنداسين ته کين جيڪي اختيار ۽ موقعا حاصل آهن انهن مان فائدو کڻن، پارلياماني ڪميٽي ۾ شرڪت ڪن، چونڊ سڌارن جي عمل ۾ شريڪ ٿين ۽ قومي سلامتي، دفاعي معاهدن، معاشي مسئلن ۽ ٻين اهم معاملن تي پنهنجون تجويزون پيش ڪن اسان چاهيون ٿا ته سموريون ڌريون گڏجي هلن، مخالف ڌر جي خدشن کي ٻڌو وڃي ۽ انهن تي باضابطه طور غور ڪيو وڃي ان مقصد لاءِ بريفنگز ۽ ڪميٽيون ٻئي اهم آهن جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته سمورا اسٽيڪ هولڊرز گڏ ويهن ته انهن جي خدشن کي ٻڌو پوندو ۽ قومي مسئلن تي گڏيل لائحه عمل اختيار ڪيو وڃي ته مخالف ڌر جي نمائندگي به انهن ڪميٽين ۾ هجڻ گهرجي جيڪڏهن مخالف ڌر جا نمائندا موجود ئي نه هوندا ته پوءِ انهن ڪميٽين جو قيام ۽ اجلاسن جو مقصد ڪهڙو رهجي ويندو.

بقايا *** 02

احترام ڪندو هو پر رياستي ادارن بابت سندس بيان کانپوءِ هاڻي سندس احترام جي ڪا گنجائش باقي نه رهي آهي. سينيٽ جي اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي محسن نقوي چيو ته سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر اهڙو رويو ڪنهن به سياستدان کي نٿو سونهي. مولانا فضل الرحمان گذريل ڏينهن رياستي ادارن بابت انتهائي نامناسب بيان ڏنو. گهرو وزير چيو ته جيستائين رياست مان فائدا ملندا رهن ٿا، تيستائين رياست سٺي لڳندي آهي، پر جڏهن حصو يا حڪومت نٿي ملي ته رياست تي ٿڪ مناسب ناهي. جيڪڏهن تنقيد ڪريو ٿا ته ان جو جواب ٻڌڻ جي همت به پيدا ڪريو. محسن نقوي چيو ته ڪجهه ماڻهو اسلام کي ڪاروبار ۽ سياست لاءِ استعمال ڪن ٿا. هن دعويٰ ڪئي ته اهي ئي ماڻهو ماضيءَ ۾ وٽس اچي چوندا هئا ته گورنر راڄ لاڳو ڪري ڪانئن ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. ايران جي دوري بابت ڳالهائيندي گهرو وزير چيو ته هو پنهنجي شوق سان ايران نٿو وڃي، پر وزيراعظم کيس باقاعده خاص ذميواري ڏني آهي، جنهن سبب هو وزيراعظم سان گڏ ايران ويندو آهي. محسن نقوي واضح ڪيو ته ايران جو دورو ڪنهن دفاعي معاهدي بابت نه هو. هن مولانا فضل الرحمان جي ان موقف کي غلط قرار ڏنو ته هو دفاعي معاهدي جي سلسلي ۾ ايران ويو هو. گهرو وزير چيو ته تنقيد ڪندڙن کي ان جو جواب به ٻڌڻ گهرجي ۽ رياستي ادارن بابت ڳالهائيندي ذميواريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 03

لانچ ڪري ڇڏيو آهي. شرجيل ميمڻ پنهنجي بيان ۾ چيو ته هنرمند ماڻهن جي لاءِ ڪمپنين جي تعاون سان فزيڪل شارٽ ڪورسز جو ٻيو مرحلو به شروع ڪيو ويندو ڪورسز جي ذريعي مارڪيٽ جي ضرورتن موجب مهارتون پيدا ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويندو هن چيو ته آئي ورڪ فار سنڌ جي پليٽ فارم تي هينئر تائين 53 کان وڌيڪ وزٽس رڪارڊ ڪيا ويا آهن. پليٽ فارم تي 26 هزار 677 فعال نوڪريون آهن. ٽن مهينن ۾ 4 هزار 800 اميدوار ڪورسز مڪمل ڪري چڪا آهن جڏهن ته 6 هزار اميدوار مختلف ڪورسز ۾ تربيت هيٺ آهن. شرجيل انعام ميمڻ اهو به چيو ته سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته نوجوانن کي بهتر کان بهتر موقعا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مناسب پليٽ فارم به ملي سگهي.

بقايا *** 04

درخواستون رد ڪيون ويون دهشتگردي ٽوڙ عدالت اسلام آباد ۾ بشريٰ بي بي ۽ ٻين پي ٽي آءِ اڳواڻن خلاف احتجاج وارن ڪيسن جي ٻڌڻي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ جوابدارن گرفتاري کان اڳ واري ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ٿي. دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي، بشريٰ بي بي جي گرفتاري کان اڳ واري ضمانت جون درخواستون رد ڪيون ويون. جنيد اڪبر لطيف کوسه، نعيم حيدر پنجوٿ جي ضمانت به رد ڪئي وئي. ان کان علاوه اسد قيصر علي زمان، ايمان وسيم، عاطف خان، فضل محمد جي ضمانت جون درخواستون به رد ڪيون ويون، پي ٽي آءِ اڳواڻن جي 250 ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي هئي، عدالت پيش ٿيندڙ جوابدارن جي ضمانتن ۾ 11 فيبروري تائين واڌ ڪري ڇڏي.

بقايا *** 05

صدارت ۾ ڪمشنر آفيس سکر ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ رڪن سنڌ اسيمبلي سميتا سيد، ترجمان حڪومت سنڌ ۽ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ، چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه، ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان، ايس ايس پي سکر چوڌري احمد فيصل، لاڳاپيل تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرز، لاڳاپيل کاتن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ٽن ڏينهن وارو سنڌ ويزن پروگرام 26 کان 28 نومبر تائين منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ 600 کان وڌيڪ نامور ملڪي ۽ غير ملڪي شخصيتن کي مدعو ڪيو ويندو سنڌ ويزن جي مهمانن ۾ سفارتڪار، صنعتڪار، صحافت، صنعت ۽ تجارت، ادب ۽ فن سان تعلق رکندڙ نمايان شخصيتون شامل هونديون. سنڌ ويزن پروگرام ۾ چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه، سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ سميت ٻيا اعليٰ حڪومتي عهديدار شرڪت ڪندا. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ ويزن پروگرام جو بنيادي مقصد 18هين ترميم کان پوءِ سنڌ حڪومت پاران عوامي ڀلائي جي منصوبن سميت سکر ڊويزن ۽ اپر سنڌ ۾ مڪمل ڪيل جامع ترقياتي منصوبن کي اجاگر ڪرڻ آهي. ان موقعي تي سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ چيو ته مهمانن کي مختلف گروپن جي شڪل ۾ ترقياتي منصوبن جا دورا ڪرايا ويندا ۽ انهن منصوبن تي لاڳاپيل ادارن جا آفيسر تفصيلي بريفنگ ۽ پريزنٽيشن ڏيندا. اجلاس ۾ ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي سمورن کاتن کي ڏنل ٽاسڪ ۽ تجويزن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. ان موقعي تي ايم پي اي سميتا سيد چيو ته مهمانن کي سکر جي ترقياتي ڪمن کان روشناس ڪرائڻو آهي، سنڌ حڪومت پاران سکر ضلعي ۽ ڊويزن اندر ڪيترائي فليگ شپ پراجيڪٽ مڪمل ڪرايا ويا آهن جن کي سنڌ ويزن ذريعي شوڪيس ڪرڻو آهي. هن چيو ته سکر آءِ بي اي، اروڙ يونيورسٽي سميت ٻيا نمايان تعليمي ادارا، سنڌ پيپلز هائوسنگ پراجيڪٽ، گمس، سرسو، خيرپور اسپيشل اڪنامڪ زون، اسپورٽس ڪمپليڪس، فيري سروس، جمالو ترين ۽ روهڙي ڪيٽل ڪالوني سميت ڪيترائي منصوبا سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جو وڏو ثبوت آهن. اجلاس ۾ ميئر سکر، چيئرمين ضلع ڪائونسل ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر شهر جي صفائي سترائي، ٽريفڪ مينيجمينٽ توڙي حد دخلين هٽائڻ لاءِ فوري قدمن کي ناگزير قرار ڏنو جڏهن ته پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي فول پروف سيڪيورٽي ۽ ٽريول پلان جوڙڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون. انهيءَ کان اڳ سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ رڪن سنڌ اسيمبلي سميتا سيد ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه سان گڏجي ايندڙ مهيني ٿيندڙ سنڌ ويزن جي سلسلي ۾ سکر اسپورٽس ڪمپليڪس، اروڙ يونيورسٽي، ڪيٽل ڪالوني روهڙي، واٽر فلٽريشن پلانٽ، جمالو ترين سميت مختلف منصوبن جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان، ايس ايس پي سکر چوڌري احمد فيصل، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سارنگ لطيف چانڊيو ۽ ٻيا آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا.

بقايا *** 06

اسين کي اپيل ڪئي ته سنڌ سنڌين جو وطن آهي ۽ ان جي تاريخ کي تباهه ٿيڻ نه ڏنو ويندو تنهنڪري 22 نومبر تي وڏي انگ ۾ ڪراچي پهچن.

بقايا *** 07

سيد رياض حسين شاهه شيرازي، صوبائي وزير اوقاف، زڪوات، عشر ۽ مذهبي معاملات سيد رياض حسين شاهه شيرازي ڊگري ڪاليج ٺٽو جو دورو ڪيو جتي هن استادن ۽ شاگردن سان ملاقات ڪئي، تعليمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ڪاليج ۾ جاري تدريسي سرگرمين جو جائزو ورتو ان موقعي تي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي استادن ۽ شاگردن سان ڳالهائيندي چيو ته تعليم ڪنهن به معاشري جي ترقي ۽ خوشحالي جو بنياد آهي. معياري تعليم جي فروغ لاءِ استادن، تعليمي ادارن جي انتظاميا ۽ شاگردن کي گڏيل طور پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻيون پونديون. هن چيو ته سنڌ حڪومت تعليم جي شعبي ۾ بهتري آڻڻ، تعليمي ادارن ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ اسڪولن توڙي ڪاليجن جي عمارتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، جڏهن ته صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه پڻ تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهيو آهي. صوبائي وزير استادن تي زور ڏنو ته اهي شاگردن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ، سندن علمي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سندن بهترين ڪردار سازي لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته استاد ڪنهن به قوم جي مستقبل جي تعمير ۾ بنيادي اهميت رکن ٿا، تنهن ڪري ضروري آهي ته اهي پنهنجون پيشورانه ذميواريون مڪمل لگن، محنت ۽ احساسِ ذميواري سان نڀائين، جيئن شاگرد بهتر تعليم حاصل ڪري معاشري جا ڪارائتا شهري بڻجي سگهن. هن شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو ته اهي پنهنجي تعليم تي ڀرپور ڌيان ڏين ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪن. شاگردن کي گهرجي ته وقت جي قدر ڪن، پنهنجي استادن جي رهنمائي مان ڀرپور فائدو وٺن ۽ علم ۽ هنر ذريعي پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائين. هن وڌيڪ چيو ته محنت، لگن ۽ مستقل مزاجي سان شاگرد مستقبل ۾ اعليٰ عهدن تي فائز ٿي سگهن ٿا ۽ پنهنجي والدين، ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪرڻ سان گڏ ملڪ جي ترقي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. دوري دوران ڪاليج جي انتظاميا صوبائي وزير کي اداري کي درپيش مسئلن ۽ تعليمي معاملن بابت ضرورتن کان آگاهه ڪيو صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي انتظاميا جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ انهن جي حل لاءِ سهڪار جي خاطري ڪرائي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته تعليمي ادارن ۾ بهتري آڻڻ، شاگردن کي سازگار تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ ۽ معياري تعليم جي فروغ لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان گڏجي قدم کنيا ويندا، جيئن نوجوان نسل کي بهتر تعليمي موقعا فراهم ٿي سگهن.

بقايا *** 08

سياسي مستقبل تي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. 90 سيڪڙو ووٽن جي ڳڻپ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ نيتن ياهو جو چونڊ اتحاد سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهيو آهي، جڏهن ته اپوزيشن ۽ عرب پارٽين جون سيٽون نئين حڪومت جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. چونڊ نتيجن موجب 120 رڪني اسرائيلي پارليامينٽ ۾ نيتن ياهو جي اتحاد کي 53 سيٽون ملڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته اپوزيشن اتحاد 48 سيٽون حاصل ڪري سگهي ٿو عرب پارٽين جي اتحاد قائم المشترڪ کي 12 ۽ قائم العربيه کي 7 سيٽون ملڻ جو امڪان آهي. اهڙي طرح عرب پارٽين جون امڪاني گڏيل 19 سيٽون حڪومت سازي جي لاءِ اهم بڻجي سگهن ٿيون. جڏهن ته ٻئي وڏا سياسي اتحاد انهن کي پنهنجي مخلوط حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جا حامي نه آهن. نيتن ياهو جي ليڪود پارٽي 26 سيٽن سان سڀني کان وڏي پارٽي بڻجي ابري آهي، پر انهي جي سخت گير اتحادي اتمارين گوير ۽ بيزليل سموٽرچ جي پارٽين کي نقصان کڻڻو پيو آهي. گذريل پارليامينٽ ۾ ٻنهي پارٽين وٽ گڏيل طور تي 20 سيٽون هيون، جيڪي هاڻ گهٽ ٿي 13 رهجي وڃڻ جو امڪان آهي. ٻئي طرف اڳوڻي غزه ۾ اسرائيلي فوجي ڪارروائين جي حمايت ڪندڙ اهم اتحادي پارٽيون ۽ اڳوڻي اسرائيلي آرمي چيف گادي آئزن ڪوٽ جي نئين پارٽي ياشار کي 21 سيٽون ملڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته يائر ليپڊ ۽ اڳوڻي وزيراعظم نفتالي بينيٽ سان جڙيل پارٽين کي گڏيل طور تي 12 سيٽون ملڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 09

جي ڇوڪري 100 فٽ ڊگهي موبائل فون ٽاور تي چڙهي وئي، گهر ڀاتين طرفان شادي جي اجازت ملڻ تائين هيٺ لهڻ کان انڪار ڪندڙ ڇوڪري [illegible] لائيو نڪاح ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو، ڀارتي ميڊيا رپورٽ موجب واقعو ضلعي بهرائچ ۾ پيش آيو جتي صاحب بيگم عرف مهڪ پنهنجي والده سان محبوب نورالدين سان شادي جي معاملي تي جهيڙو ٿيو جنهن کان پوءِ هوءَ موبائل فون جي ٽاور تي چڙهي وئي، رپورٽ موجب مهڪ ۽ نورالدين شادي ڪرڻ چاهين ٿا، پر ٻنهي جا خاندان انهي رشتي جا مخالف هئا، نورالدين روزگار جي سلسلي ۾ ممبئي ۾ رهي ٿو جڏهن ته مهڪ بهرائچ ۾ ٽن ڪلاڪن تائين ٽاور تي موجود رهي، انهي دوران پوليس، عورت اهلڪارن، مائٽن ۽ مقامي ماڻهن انهي کي حفاظت سان هيٺ لهڻ تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڇوڪري مطالبو پورو ٿيڻ تائين [illegible] ڏمڪي ڏئي ڇڏي، اهڙي صورتحال کان پوءِ هڪ مقامي مسلمان عالم وڊيو ڪال جي ذريعي ٻنهي جو نڪاح پڙهايو جنهن ۾ نورالدين ممبئي کان لائين شرڪت ڪئي، نڪاح کان پوءِ مهڪ ٽاور کان هيٺ لهڻ تي راضي ٿي وئي جنهن کي بعد ۾ عورت پوليس اهلڪارن حفاظت سان هيٺ لاٿو.

بقايا *** 10

ي شادي ڪرائڻ واري معاملي تي سرڪاري مدعيت ۾ چار جوابدارن خلاف ووومين ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته نامزد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جا ڇاپا هڻي رهي آهي ايس ايڇ او ووومين ٿاڻي مهناز اعوان موجب ڪيس ۾ [illegible] بنگلاڻي، نذير بنگلاڻي، بلاول بنگلاڻي ۽ [illegible] کي نامزد ڪيو ويو آهي. هن وقت تائين ڪنهن به نامزد جوابدار کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي، پر گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس موجب گذريل ڏينهن اطلاع ملڻ تي وومين پوليس مبينا طور 14 سالن جي ڇوڪري جي زبردستي شادي ڪرائڻ واري تقريب تي ڇاپو هنيو ۽ ڇوڪري کي بازياب ڪرائي ورتو هو واقعي کان پوءِ پوليس معاملي جي جاچ شروع ڪندي قانوني ڪارروائي شروع ڪئي ايس ايڇ او مهناز اعوان موجب بازياب ٿيندڙ ڇوڪري پوليس کي ڏنل وڊيو بيان ۾ الزام لڳايو ته سندس ناني پناٽي سندس شادي سندس مرضي خلاف هڪ وڏي عمر جي ماڻهو سان ڪرائي رهي هئي پوليس نامزد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن. جڏهن ته ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 11

40 عورتن کي مختلف ايئرپورٽن تي ٻاهرين ملڪ روانگي کان روڪي ڇڏيو جڏهن ته انساني اسمگلنگ سان لاڳاپيل لڳ ڀڳ 2 هزار انڪوائريز ۽ شڪايتن تي ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي ايف آءِ اي عملدارن موجب انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي به ڪارروايون ڪيون پيون وڃن ته جيئن انساني اسمگلنگ ۽ استحصال جي ڪوشش کي بروقت ناڪام بڻائي سگهجي. ايف آءِ اي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميان اجمل اي آر وائي نيوز سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ته ادارو انساني اسمگلنگ خلاف رڳو شڪايتون ملڻ تي ڪارروائي نٿو ڪري پر ڳجهي معلومات جي بنياد تي به شڪي نيٽ ورڪن جي نگراني ۽ ڪارروايون ڪيون وڃن ٿيون هن چيو ته هن حڪمت عملي جو مقصد ڏوهن کي ٿيڻ کان اڳ روڪڻ ۽ متاثر ماڻهن کي محفوظ بڻائڻ آهي. ميان اجمل موجب هڪ ڪارروائي دوران ايجنٽن جي اهڙي منصوبي جو انڪشاف ٿيو جنهن تحت پنجاب کان نوجوانن کي ڪراچي آندو ويو، جتان کين بلوچستان جي رستي لانچن ذريعي ايران جي شهر چابهار منتقل ڪيو وڃڻو هو منصوبي موجب ايران کان زميني رستي ذريعي ترڪي ۽ پوءِ يونان سميت ٻين يورپي ملڪن پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃڻي هئي. هن ٻڌايو ته ايف آءِ اي انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي مان لاڳاپيل ايجنٽن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته متاثر ماڻهن کي به شهر کان بلوچستان منتقل ڪيا وڃڻ کان اڳ [illegible] رات جي وقت هڪ مقامي هوٽل مان بازياب ڪرائي ورتو ويو عملدارن موجب هن ڪارروائي سان مبينا انساني اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي ايف آءِ اي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ٻڌايو ته هلندڙ مهيني عورتن جي مبينا انساني اسمگلنگ ۾ ملوث هڪ گروپ خلاف به ڪارروائي ڪئي وئي انٽيليجنس معلومات موجب پنجاب جي مختلف علائقن کان ڪيترين ئي عورتن کي ڪراچي آندو ويو هو ۽ کين سعودي عرب موڪلڻ جي تياري ڪئي پئي وئي ميان اجمل موجب خدشو هو ته انهن عورتن کي ٻاهرين ملڪ غير قانوني سرگرمين، جن ۾ جسم فروشي به شامل آهي، لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو ايف آءِ اي بروقت ڪارروائي ڪندي مبينا منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو تنهن هوندي به انهن الزامن ۽ عورتن جي ممڪن استحصال بابت حتمي حقيقتن جو تعين جاچ ذريعي ٿيندو ميان اجمل موجب ڪيسن ۾ ايجنٽ هڪ يا ٻه عورتن کي ٻاهرين ملڪ وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. تنهن هوندي به شڪي حالتن ۾ انساني اسمگلنگ يا استحصال جي خدشن سبب کين ايئرپورٽن تي ئي روڪي ورتو ويندو آهي هن ٻڌايو ته هلندڙ سال هيل تائين لڳ ڀڳ 30 کان 40 عورتن کي مختلف ايئرپورٽن تي ٻاهرين ملڪ روانگي کان روڪي واپس موڪليو ويو آهي عملدارن موجب انهن ڪارروائين جو مقصد عورتن کي ممڪن استحصال ۽ انساني اسمگلنگ کان محفوظ رکڻ آهي ايف آءِ اي عملدارن اهڙين ماڻهن خلاف ڪارروائين جو به ذڪر ڪيو جيڪي مبينا طور تي عمري ويزا تي سعودي عرب وڃي خيرات گهرڻ جي منصوبي تحت سفر ڪرڻ چاهيندا هئا ميان اجمل موجب ڪن ڪيسن ۾ هڪ ئي خاندان جي ڪيترن ئي ماڻهن، جن ۾ [illegible] شامل هئا، کي ٻاهرين ملڪ روانگي کان روڪيو ويو. ايف آءِ اي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عورتن ۽ ٻاهرين ملڪ روزگار يا تعليم جي خواهشمند نوجوانن کي صلاح ڏني ته هو غير قانوني رستن ۽ ايجنٽن جي ڪوڙن واعدن تي يقين ڪرڻ بدران قانوني طريقيڪار اختيار ڪن، [illegible] نوڪري ملي ويندي، خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو نوجوانن کي گهرجي ته سفر کان اڳ ويزا دستاويزن ۽ روزگار جي قانوني حيثيت جي لاڳاپيل ادارن کان تصديق ڪن ته جيئن انساني اسمگلنگ، مالي نقصان ۽ ممڪن استحصال کان محفوظ رهي سگهن.

بقايا *** 12

نالي ۾ ڪري پئي، ريسڪيو اختيارين موجب واقعي جي اطلاع ملندي ئي مسافرن کي ريسڪيو ڪرڻ جو آپريشن شروع ڪيو ويو زخمي ۽ فوت ٿيل ماڻهن کي [illegible] اسپتال پهچايو ويو، ريسڪيو اختيارين ٻڌايو ته مسافر بس [illegible] کان [illegible] پئي وئي ته حادثي جو شڪار ٿي، ريسڪيو حڪام جو چوڻ آهي ته حادثي سبب 5 ڄڻا فوت جڏهن ته 30 زخمي ٿي پيا جن مان ڪجهه جي حالت گنڀير ڄاڻائي وڃي ٿي.

بقايا *** 13

ته ڪراچي ۾ پولنگ دير جو شڪار ٿي وئي آهي لاهور ۾ سپريم ڪورٽ بار جي ساليانين چونڊن لاءِ ووٽنگ جاري آهي. ملڪ مان مجموعي طور 4 هزار 634 رجسٽرڊ ووٽر پنهنجو حق رائي استعمال ڪندا. ڪراچي ۽ لاهور ۾ پولنگ شام 5 وڳي تائين جاري رهندي. جڏهن ته منجهند هڪ وڳي مانيءَ ۽ نماز جو وقفو ٿيندو ڪراچي ۾ پريزائيڊنگ آفيسر اشتياق ميمڻ مطابق، اليڪشن ڪميشن جو عملو پولنگ ايجنٽن جو انتظار ڪري رهيو آهي. پولنگ ايجنٽ جي موجود ٿيڻ ۽ بيلٽ جو سامان کوليو ويندو جنهن کانپوءِ ووٽنگ شروع ٿيندي ڪراچي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي نيو بار روم ۾ پولنگ ٿيندي. پريزائيڊنگ آفيسر طور سنڌ بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين اشتياق ميمڻ ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر امير بخش ميتلو کي مقرر ڪيو ويو آهي. صدر جي عهدي لاءِ انڊيپينڊنٽ گروپ جي سيد امجد علي شاهه ۽ پروفيشنل گروپ جي سردار امان الله خان وچ ۾ مقابلو آهي. سيڪريٽري جي عهدي لاءِ انڊيپينڊنٽ گروپ جي عارف اعوان ۽ پروفيشنل گروپ جي ميان عرفان اڪرم آمهون سامهون آهن. جڏهن ته ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي لاءِ قاضي شهريار اقبال ۽ سائره خالد راجپوت وچ ۾ مقابلو ٿيندو فنانس سيڪريٽري جي عهدي لاءِ محمد تنوير چوڌري ۽ راءِ اظهر اقبال کرل وچ ۾ مقابلو آهي.

بقايا *** 14

پرسان اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو پوليس موجب شهيد اهلڪار جي سڃاڻپ نهال بروهي جيئي نالي سان ٿي آهي. واقعي بعد حملي آور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جڏهن ته شهيد پوليس اهلڪار جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس واقعي جي اطلاع ملندي ئي وڏي تعداد ۾ نفري طلب ڪري ورتي ۽ علائقي ۾ وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پوليس موجب شروعاتي طور واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو ٿي سگهي ٿو جڏهن ته واقعي جا اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 15

ڙ جعفر ايڪسپريس اڄ روانو نه ٿيندي. ريلوي اختيارين جو چوڻ آهي ته جعفر ايڪسپريس ٽرين پڻ اڄ نه هلندي. اختيارين موجب، اڄ پشاور کان ڪوئيٽا ايندڙ جعفر ايڪسپريس کي سنڌ جي شهر جيڪب آباد تائين محدود ڪيو ويو آهي. پاڪستان ريلوي جي اختيارين ٻڌايو ته ضروري مرمتي ڪم سبب ٽرين آپريشن هڪ ڏينهن لاءِ معطل ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 16

سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ نورين نيازي جي وڪيل رانا مدثر عمر ٻڌايو ته جيل ۾ طبيعت خراب ٿيڻ سبب نورين نيازي کي پنجاب انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيولاجي منتقل ڪيو ويو آهي. وڪيل سندس صحت لاءِ دعائن جي اپيل پڻ ڪئي. هن چيو ته 70 ورهين جي نورين نيازي کي غيرقانوني طور نظربند رکيو ويو آهي ۽ کيس اسپتال منتقل ڪرڻ بابت خاندان جي ڪنهن به فرد کي اطلاع نه ڏنو ويو.

بقايا *** 17

ي 10-10 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. اسلام آباد جي دهشتگردي جي ڪيس واري عدالت جي جج طاهر عباس سپرا اڊيالا جيل ۾ فيصلو ٻڌايو جنهن ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي کي 10-10 سال قيد ڏنڊ جون سزائون ٻڌايون ويون. ايمان مزاري ۽ هادي علي جي خلاف 25 آڪٽوبر 2024 تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو عدالت طرفان ڪيس ۾ اسٽيٽ ڪائونسل مقرر ڪيو ويو هو ۽ اسٽيٽ ڪائونسل عاطف محمود طرفان گواهن تي جرح ڪئي وئي، پراسيڪيوشن طرفان گڏيل طور تي ڪيس ۾ 7 گواهن کي پيش ڪيو ويو جڏهن ته ڪيس ۾ انهن تي 7 آڪٽوبر تي فرد جرم لاڳو ڪئي وئي هئي. عدالت طرفان مختلف قلمن ۾ 50 هزار روپين جا ڏنڊ به لاڳو ڪيا ويا. عدالتي حڪم موجب 3 مختلف انفرادي قلمن جي تحت جوابدارن جي سزا 13 سال بڻجي ٿي پر قلم 182 جي فائدي سبب جوابدار 10 سال قيد جي سزا ڪاٽيندا.

بقايا *** 18

عرصو اڳ وزير اوقاف سيد رياض حسين شاهه شيرازي درگاهه جو دورو ڪيو هو جتي هن زائرين جي سهولت کي نظر ۾ رکندي جتيون رکڻ واري جاءِ کي صاف ستري ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ذميوارن کي هدايتون جاري ڪيون هيون. وزير اوقاف جي هدايتن تي ان ڪم جي ذميواري درگاهه جي انچارج [illegible] جي حوالي ڪئي وئي، جنهن محمد ملاح سان گڏجي محنت ۽ لگن سان ڪم مڪمل ڪيو. هنن جي گڏيل ڪوششن سان جتيون رکڻ واري جاءِ کي صاف ستري ۽ بهتر نموني تيار ڪيو ويو آهي، جنهن سان زائرين کي سهولت فراهم ٿيندي. [illegible] زائرين جي سهولت، خدمت ۽ عزت جو خاص خيال رکيو ويندو [illegible] عبدالله شاهه اصحابي [illegible] جيئن درگاهه تي ايندڙ هر زائر کي بهتر ماحول ۽ سهولتون ميسر ٿي سگهن.

بقايا *** 19

اهو اتحاد سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. 120 ميمبرن واري قومي اسيمبليءَ ۾ نيتن ياهو جي اتحاد کي 53 ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ گادي آئزن ڪوٽ جي اتحاد کي 48 سيٽون ملڻ جو امڪان آهي. عرب جماعتن قائم المشترڪ کي 12 ۽ قائم العربيه کي 7 سيٽون ملڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. نيتن ياهو جي ليڪود پارٽي 26 سيٽن سان سڀ کان وڏي جماعت بڻجي ابري آهي، پر سندس انتهاپسند اتحادي اڳواڻن اتمار بن گوير ۽ بيزليل سموٽرچ جي جماعتن کي نقصان پهتو آهي، جن وٽ گذريل اسيمبليءَ ۾ گڏيل طور 20 سيٽون هيون ۽ انهن غزه ۾ فلسطينين جي قتل عام جي ڀرپور حمايت ڪئي هئي.

بقايا *** 20

وغ ڪري ڇڏيون، زخمين کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو شروعاتي جاچ موجب هڪ ڳورهاري عورت ايمبولينس جي اندر موجود هئي جڏهن ته عملو آڪسيجن سلينڊر لڳائي رهيو هو اوچتو ئي دوران سلينڊر ۾ ڌماڪو سبب باهه لڳي پوليس موجب فوت ٿيل ويلن ۾ پي پي ايڇ آئي جو ڊسپينسر، ايمبولينس ڊرائيور، هڪ چوڪيدار ۽ هڪ ٻيو ملازم شامل آهن. ريسڪيو اختيارين جي ڏنل شروعاتي ڄاڻ موجب متاثرين ۾ ڳورهاري عورت ۽ انهي جا 2 تيماردار به شامل هئا. ڌماڪي کان پوءِ باهه لڳڻ جي ڪري ايمبولينس مڪمل طور تي سڙي تباهه ٿي وئي. ريسڪيو انچارج موجب واقعي ۾ سخت زخمي ٿيل هڪ شخص سول اسپتال مٺي منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ فوت ٿي ويو جنهن کان پوءِ فوت ٿي ويل ماڻهن جو انگ وڌي 10 تي ويو آهي. شروعاتي رپورٽ موجب فوت ٿي ويل ماڻهن ۾ اسحاق ٽيپو، ڏينو مينگهواڙ، پنڊي راڄڙ شامل آهن جڏهن ته ٻين ماڻهن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي. ريسڪيو ٽيمن هڪ معصوم ٻار ۽ هڪ عورت سميت ڪيترن ئي زخمين کي به اسپتال منتقل ڪيو. اسسٽنٽ ڪمشنر ننگرپارڪر موجب انتظاميه، صحت کاتي، ريسڪيو 1122 ۽ ٻين اختيارين واري هنڌ موجود آهي. جڏهن ته امدادي سرگرميون جاري آهن. واقعي جا سبب ۽ ڌماڪي جي نوعيت بابت وڌيڪ تفصيل سامهون آندا ويندا.

بقايا *** 21

ي افسوسناڪ واقعي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار ڪندي واقعي جي جاچ جو حڪم ڏنو آهي. خميس ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر آصف علي زرداري حادثي ۾ فوت ٿيندڙن جي پوئيرن سان تعزيت ۽ زخمين جي جلد صحتيابي جي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو آهي. صدر چيو ته واقعي جي سببن جو فوري طور تي پتو لڳائڻ ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن کي روڪڻ لاءِ موثر حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن.

بقايا *** 22

دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. خميس ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدر ڪارروائي دوران فتنه الهندستان جي هڪ دهشتگرد کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻين صلاحيتن کي ساراهيو. صدر دهشتگردن پاران [illegible] جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي ڪردار کي خراج تحسين پيش ڪيو [illegible] بلوچستان مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا *** 23

ناڪ حادثي ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هر فوت ٿيل شخص جي خاندان لاءِ 20 لک روپيا معاوضي جو اعلان ڪيو آهي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته سمورن زخمين لاءِ بهترين ممڪن طبي علاج کي يقيني بڻايو وڃي. وڏي وزير ٿرپارڪر ضلعي جي ننگرپارڪر [illegible] علائقي ۾ ايمبولينس ۾ آڪسيجن سلنڊر ڦاٽڻ سبب ٿيل [illegible] چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه کي هدايت ڪئي ته صحت کاتي ذريعي هڪ شفاف انڪوائري جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن انهن حالتن جو پتو لڳائي سگهجي جيڪي هن سانحي جو سبب بڻيون [illegible]

بقايا *** 24

لهندوستان خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم ڪيچ ضلعي ۾ هڪ دهشتگرد کي جهنم رسيد ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻين صلاحيتن جي تعريف ڪئي ۽ معصوم عورتن کي يرغمال بڻائڻ لاءِ دهشتگردن جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ ۽ انهن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بروقت ڪارروائي کي خراج تحسين پيش ڪيو. وزيراعظم چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون.

ته جج ٻنهي کي 13 سالن جي سزا ٻڌائي آهي، جڻ ته اهي وڏا دهشتگرد هجن. داخلگل ناڪي وٽ ميڊيا سان ڳالهائيندي شيرين مزاري دعويٰ ڪئي ته ايمان ۽ هادي هڪ هڪ الزام کي غلط ثابت ڪيو، پر ڪو به شاهد معتبر ثبوت پيش نه ڪري سگهيو هن چيو ته هن ڪيس ۾ دهشتگرديءَ جو ڪو به معاملو نه هو سندس الزام هو ته ايمان مزاري ۽ هادي علي کي پنهنجن وڪيلن سان ملڻ جي اجازت به نه ڏني وئي شيرين مزاري وڌيڪ چيو ته ايمان ۽ هادي ڪنهن به سياسي جماعت جا ميمبر نه، پر انساني حقن جا وڪيل آهن. جن غريب ۽ مستحق ماڻهن جو آواز اٿاريو، جيڪو ڪجهه ڌرين کي پسند نه آيو.

بقايا *** 26

ڪريون ٿا ته اوهان گاريون ڏيڻ شروع ٿي ويندا آهيو. حنيف عباسي ڪعبي شريف جو به [illegible] مون مطالبو ڪيو هو ته هن حڪومت ۾ ڪيتري ڪرپشن ٿي هڪ ڪميٽي ٺاهيو [illegible] خواجه آصف، پيپلز پارٽي سميت اوهان سڀئي [illegible] هن ايوان کي هن پارليامينٽ کي طاقت جو سرچشمو بڻايو [illegible] اوهان پارليامينٽ کي مضبوط بڻايو، اوهان کي ڇا بنگال کان پوءِ هاڻي هن ملڪ کي ٽوڙڻو آهي؟ [illegible] 15 هزار کان 20 هزار بار اسڪول کان ٻاهر آهن، [illegible] 6 ڪروڙ ٻار [illegible] 40 هزار [illegible] جي 20 هزار ملن ٿا، [illegible] افغانستان [illegible] آهي، [illegible]

بقايا *** 27

گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي [illegible] عبدالرحيم چيو ته سنڌ حڪومت 'ٽرانسفارمڊ پاڪستان' جو نعرو هڻي ٿي، پر ٿرپارڪر سميت ميرپورخاص ڊويزن ۾ اڄ به بنيادي طبي سهولتون موجود ناهن. جڏهن ته فائر برگيڊ جو نظام به نه هئڻ جي برابر آهي [illegible] حادثي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن ته ايمبولينس ۽ گئس سلينڊرن جي حفاظتي جاچ کي يقيني بڻايو وڃي. [illegible] فوت ٿيل ماڻهن جي وارثن لاءِ فوري مالي امداد جو اعلان ڪري ۽ ٿرپارڪر سميت ميرپورخاص ڊويزن ۾ جديد طبي ۽ هنگامي سهولتون فراهم ڪري. عبدالرحيم فوت ٿيل ماڻهن جي وارثن سان تعزيت ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي.

بقايا *** 28

ٻڌل طرز عمل جو عڪاس آهي. وزارت جو چوڻ آهي ته افغان طالبان فورسز پاڪستاني حدن اندر شهرين تي بنا ڪنهن اشتعال جي فائرنگ ڪئي ۽ مارٽر گولا وسايا. وزارت دعويٰ ڪئي ته طالبان حڪومت جي [illegible] پراکسي عنصرن [illegible] جو تسلسل آهي. اطلاعات واري وزارت موجب، پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز افغان طالبان جي جارحيت جو فوري ۽ ڀرپور جواب ڏنو، جنهن دوران طالبان جون 7 چوڪيون تباهه ڪيون ويون ۽ کين جاني توڙي مالي نقصان پڻ پهتو [illegible] طالبان حڪومت پنهنجي عوام کي گمراهه ڪرڻ لاءِ ڪوڙ جو سهارو وٺي رهي آهي.

بقايا *** 29

وعي ذهانت (اي آءِ) ذريعي ڪزن جي وائس ڪلوننگ ڪري اغوا جهڙي ڪوڙي ڊرامي تحت ڪال آئي هئي. [illegible]

تياري ۽ قومي اتحاد کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. قومي اسيمبلي ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته ذاتي مفادن لاءِ اسان هر روز پاڪستان کي برو ڀلو چوندا آهيون جيتوڻيڪ هن ملڪ مان فائدو به حاصل ڪندا آهيون ۽ ان جي وسيلن مان به فائدو حاصل ڪندا آهيون. سياسي بليڪ ميلنگ جي اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جو دنيا ۾ بليڪ ميلر به شايد اسان جي ملڪ ۾ ٿيندڙ بليڪ ميلنگ تي حيران رهجي وڃن. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان خلاف ذاتي مفادن جي خاطر نامناسب ٻولي استعمال ڪرڻ ڪنهن به طرح مناسب ناهي. ڪجهه ماڻهو ملڪ کي وساري ڇڏيندا آهن جنهن انهن کي عزت ۽ مقام ۽ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪيا. [illegible]

بقايا *** 31

الهندستان خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. خميس ڏينهن پي ايم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم ضلعي ڪيچ ۾ [illegible] تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻين صلاحيتن جي واکاڻ ڪئي ۽ معصوم عورتن کي يرغمال بڻائڻ جي دهشتگردن جي ڪوشش ناڪام بڻائي انهن جي حفاظت يقيني بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بروقت ڪارروائي کي خراج تحسين پيش ڪيو. وزيراعظم چيو ته وطن عزيز مان دهشتگردي جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا *** 32

موجب واقعو رسول آباد محلي ۾ پيش آيو جتي پٽ پنهنجي ماءُ کان زرعي زمين پنهنجي نالي منتقل ڪرڻ چاهي پئي ماءُ جي انڪار ڪرڻ تي پٽ مبينا طور مٿس فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ عورت موقعي تي ئي فوت ٿي وئي. پوليس موجب [illegible] جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 33

ستان خلاف ڀرپور ڪارروائين جي نتيجي ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو سيڪيورٽي ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز جو ضلعي ڪيچ جي علائقي ميناز ۾ انٽيليجنس بنياد تي آپريشن ٿيو جنهن ۾ فتنه الهندستان جو هڪ دهشتگرد جهنم واصل ٿي ويو ذريعن موجب بوليدا جي علائقي ميناز ۾ دهشتگردن 2 عورتن کي پاڻ سان گڏ [illegible] ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، سيڪيورٽي فورسز فرار ٿيندڙ دهشتگردن جو تعاقب ڪيو پر ان دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو سيڪيورٽي ذريعن موجب بوليدا جي علائقي ميناز ۾ فتنه الهندستان جي مارجي ويل دهشتگرد جي قبضي مان هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ ڪيو ويو آهي ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز جو علائقي ۾ ممڪن طور موجود ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. بلوچستان ۾ فتنه الهندستان خلاف ڪارروايون بدستور جاري آهن جيڪي آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جاري رهنديون.

بقايا *** 34

آف پاڪستان ڪراچي جي خلاف گهربل معلومات فراهم نه ڪرڻ بابت داخل ڪيل شڪايت تي نوٽيس جاري ڪندي اداري جي نامزد آفيسر ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر کان تفصيلي لکت ۾ جواب ۽ لاڳاپيل رڪارڊ طلب ڪري ورتو آهي. ڪميشن پاران 15 آڪٽوبر 2026 ع تي جاري ڪيل ڪاز لسٽ موجب شڪايت نمبر 407/2026 جي ٻڌڻي 3 نومبر 2026 ع تي منجهند ٻه وڳي مقرر ڪئي وئي آهي ڪميشن جي دستاويز موجب شڪايت ڪندڙ مبشر ميرجو موقف آهي ته آرٽس ڪائونسل کي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيڻ باوجود مقرر قانوني مدي اندر گهربل معلومات فراهم نه ڪئي وئي آهي شڪايت سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 ع جي سيڪشن 11 تحت داخل ڪئي وئي آهي سنڌ انفارميشن ڪميشن ابتدائي حڪم ذريعي آرٽس ڪائونسل کان شڪايت بابت تفصيلي رپورٽ، لکت ۾ موقف ۽ لاڳاپيل رڪارڊ طلب ڪيو آهي. [illegible] گرائونڊ فلور اسٽيٽ لائيف بلڊنگ نمبر 3، ڊاڪٽر ضياءالدين احمد روڊ، وزيراعليٰ هائوس جي سامهون، ڪراچي [illegible] 3 نومبر تي [illegible] قانوني ڪارروائي [illegible]

بقايا *** 35

ته عمران خان ۽ سندس جماعت کان اميد نه هئي ته هو ايتري جلدي نون صوبن جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيندا هن چيو ته [illegible] سنڌ جي عوام ۽ سنڌ اسيمبلي نون صوبن جي قيام واري تجويز [illegible] پاڪستان پيپلز پارٽي سان تعلق رکي ٿو [illegible] گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ [illegible] وزيراعظم شهباز شريف [illegible] عمران خان لاءِ سٺا ڏينهن نظر نٿا اچن جڏهن ته پي ٽي آءِ جي احتجاجي تحريڪ به نظر نٿي اچي، جيڪڏهن پي ٽي آءِ کي احتجاج ڪرڻو هجي ها ته هينئر تائين ڪري چڪي هجي ها

بقايا 01 عوامي سوچ

وجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر محمد زبير جوکيو ڪيس اسڪول جي تعليمي سرگرمين، شاگردن جي انگ ۽ ٻارن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي جنرل مئنيجر آفتاب کتري ۽ ايڇ آر اعجاز پڻ ساڻس گڏ موجود هئا. دوري دوران شهزاد سادن استادن جي محنت ۽ تعليمي خدمتن کي ساراهيندي سندن حوصلا افزائي ڪئي ۽ ٻارن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڪوششون جاري رکڻ تي زور ڏنو. هن اسڪولن جو تعليمي معيار بهتر بڻائڻ، شاگردن جي انگ ۾ واڌ ڪرڻ ۽ وڌيڪ مستحق ٻارن کي تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي، جيئن ڪو بہ ٻار مالي ڏکيائين سبب تعليم کان محروم نہ رهي. واضح رهي تہ چلڊرن آف آدم جي انتظام هيٺ خميسو ملاح اسڪول سميت ٻين اسڪولن ۾ غريب ۽ مستحق ٻارن کي مفت تعليم فراهم ڪئي وڃي ٿي. ان سان گڏ شاگردن کي مفت ڪتاب، يونيفارم، اسٽيشنري ۽ ٻيون ضروري تعليمي سهولتون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون. چلڊرن آف آدم جي انهن اسڪولن جي قيام جو بنيادي مقصد غربت ۽ مالي ڏکيائين سبب تعليم حاصل نہ ڪري سگهندڙ ٻارن کي تعليم جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. تنظيم جون اهي ڪوششون پنتي پيل علائقن ۾ تعليم جي واڌاري، ٻارن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سندن روشن مستقبل جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

بقايا 02 عوامي سوچ

نر بدين زارا زاهد چيو تہ 2 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم لاءِ ضلعي ۾ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ مهم دوران هر ٻار تائين پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پهچائڻ لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪيا وڃن هن چيو تہ پوليو مهم جي ڪاميابي جو دارومدار بهترين، جامع ۽ زميني حقيقتن مطابق تيار ڪيل مائيڪرو پلان تي آهي. تنهن ڪري ڪنهن بہ صورت ۾ مائيڪرو پلان فيل نہ ٿيڻ گهرجي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ مائيڪرو پلان ۾ هر علائقي، آبادي ۽ ٻار جي درست نشاندهي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ مهم دوران ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي يا غلطي جي گنجائش نہ ڇڏي وڃي ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ گذريل ڪافي مهينن کان بدين شهر جا ماحولياتي سيمپل مسلسل نيگيٽو اچي رهيا آهن، جيڪو ضلعي انتظاميا، صحت کاتي، پوليو ٽيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي گڏيل ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي. هن چيو تہ پوليو جي خاتمي لاءِ جاري ڪوششن کي وڌيڪ منظم ۽ اثرائتو بڻائڻ جي ضرورت آهي هن چيو تہ گڏجاڻي جو مقصد پوليو مهم دوران سامهون ايندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جو بروقت حل يقيني بڻائڻ آهي. هن خاص طور تي ريفيوزل ڪيسن تي وڌيڪ فوڪس ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو تہ جن خاندانن پاران ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪيو وڃي ٿو انهن سان رابطي آگاهي ۽ مؤثر ڪائونسلنگ ذريعي ريفيوزل ڪيسن کي ختم ڪيو وڃي هن چيو تہ پوليو مهم دوران جيڪڏهن ڪنهن ٽيم کي ڪنهن بہ قسم جو مسئلو پيش اچي تہ ان جي شڪايت بروقت لاڳاپيل اختيارين تائين پهچائي وڃي، جيئن مسئلو فوري طور حل ڪري سگهجي هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ پوليو مهم دوران ٽيمون مقرر ڪيل مائيڪرو پلان مطابق گهر گهر وڃي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارين ۽ رهجي ويل ٻارڙن کي فوري طور تي ڦڙا پيارا وڃن گڏجاڻي ۾ پوليو مهم جي مائيڪرو پلان، ٽيمون، ريفيوزل ڪيس، ماحولياتي سيمپل، خانگي اسڪولن سان سهڪار، لاجسٽڪ انتظامن ۽ مهم دوران پيش ايندڙ مسئلن جي بروقت حل بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 03 عوامي سوچ

ت ڪل 9 ماڻهو بي دردي سان سڙي فوت تفصيل مطابق رات دير سان حاملا عورت کي حمل خاطر رورل هيلٿ سينٽر ڏانو دانڌل آندو ويو جتي حمل نہ ٿيڻ سبب ٻئي اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو تہ ايمبولينس ۾ لڳل گيس جو سلينڊر اوچتو ڌماڪي سان ڦاٽي پيو جنهن سبب ايمبولينس ۾ ويٺل توڙي ٻاهر موجود سرڪاري اسپتال جي عملي سميت ڪل 9 انساني جانيون باهہ جي نظر تي بيدردي سان سڙي ويون فوتين ۾ نوجوان پرديپ ميگهواڙ عمر 25 سال, اسحاق ولد محمد وارث عمر 35 سال, لڇمڻ ميگهواڙ عمر 30 سال, ايمبونس ڊرائيور پانڌي ولد محمد وارث راڄڙ عمر 40 سال, دينو ولد تنون ميگهواڙ عمر 40 سال, جسونت ولد ڪينئرو ميگهواڙ عمر 35 سال, عورت شريمتي ڪريمان زال رامجي عمر 65 سال, شريمتي لاڏو زال سريش ميگهواڙ عمر 40 سال ۽ شريمتي راجو ٻائي شامل آهن جڏهن تہ ٻہ زخمي بہ زير علاج آهن واقعي بعد پوري ٿر ۾ سوڳ جي لهر ۽ فوتين جي وارثن ۾ ڪهرام متل آهي واقعي بابت جاچ جاري آهي واقعي بابت صدر مملڪت آصف علي زرداري پڻ ڏک جو اظهار ڪيو آهي جڏهن تہ مٺي کان ڪراچي منتقل ڪيل سريش جو ٻارڙو بہ بدين ويجهو رستي ۾ فوت ٿي ويو آهي ۽ اهڙي طرح باهہ جي هن ڏکوئيندڙ واقعي ۾ فوت ٿيندڙن جو تعداد 10 ٿي ويو آهي جنهن ۾ سريش ميگهواڙ جي هڪ ئي خاندان جا پنج ڀاتي فوت ٿي ويا آهن ۽ ٽي زخمي زير علاج آهن ٻئي پاسي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ هن واقعي جو نوٽيس وٺندي فوتين جي وارثن لاءِ ويهہ ويهہ لک روپيا مالي امداد ڪرڻ جو اعلان ڪندي زخمين جو بهتر علاج ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن ۽ [illegible]

بقايا 04 عوامي سوچ

[illegible]

معلوم ٿي سگهي تہ واقعو ڪنهن جي غفلت سبب پيش آيو ۽ ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي تہ جيئن مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام ممڪن ٿي سگهي ۽ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهن هن وڌيڪ چيو تہ متاثر خاندانن سان هن انتهائي گهري ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. الله سائين فوت ٿيلن جي مغفرت فرمائي، انهن جي پونئيرن کي هن عظيم صدمي تي صبرِ جميل عطا ڪري ۽ تمام زخمين کي جلد ۽ مڪمل صحتيابي عطا فرمائي.

بقايا 05 عوامي سوچ

وڪٿام ۽ مشڪوڪ سرگرمين تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ سنيپ چيڪنگ، ناڪابندي ۽ پوليس گشت جو سلسلو جاري آهي. ضلعي جي سمورن ٿاڻن جي پوليس کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن تہ داخلي ۽ خارجي رستن، اهم شاهراهن، حساس هنڌن ۽ مختلف چيڪنگ پوائنٽن تي اثرائتي ناڪابندي ڪري مشڪوڪ ماڻهن، گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جي مڪمل جاچ پڙتال کي يقيني بڻايو وڃي. سيني ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز کي هدايتون ڏنيون ويون آهن تہ هو پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ پوليس گشت جي اثرائتي نگراني ڪن. پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي الرٽ رکن ۽ ڪنهن بہ مشڪوڪ سرگرمي جي صورت ۾ فوري طور قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻين. ايس ايس پي ٺٽو واضح هدايتون جاري ڪندي چيو آهي تہ چيڪنگ دوران شهرين سان خوش اخلاقي ۽ مهذب رويو اختيار ڪيو وڃي، جڏهن تہ قانون جي عملداري ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. ٺٽو پوليس ڏوهن جي روڪٿام، شهرين جي تحفظ ۽ ضلعي ۾ پرامن ماحول برقرار رکڻ لاءِ هر وقت سرگرم آهي.

بقايا 06 عوامي سوچ

ڪيل احتجاج نيٽ رنگ لاٿو. احتجاج بعد ٿيل ڪامياب ڳالهين ڪانپوءِ عارضي طور شروع ڪيل احتجاج کي ملتوي ڪيو ويو. ملازم اڳواڻن پاران چتاءُ ڏنو ويو آهي تہ ٽريزري ڪاتي ٺٽي جي آفيسرن پاران ڪيل احتجاج ڪندڙ ملازمن سان واعدا وفا نہ ٿيا تہ پوءِ ٻيهر جدوجهد شروع ڪئي ويندي. جيڪا مسئلن جي حل تائين جاري رهندي. ان سلسلي ۾ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن محمد شريف ٽنيو، سيد فداحسين شاهہ، خير محمد بروهي، خان محمد هيلايو، علاوالدين بروهي، محمد سليم ڪٽي، احمد نواز پٺاڻ، نور سرائي، ارباب سجاد سمون ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ سندن پاران ڪيل سخت احتجاج بعد نيٽ ٽريزري ڪاتي ٺٽي جي آفيسرن سرڪاري ملازمن، پينشنرن، بيواهن توڙي يتيمن جا ڪيترائي جائز مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي اهي، جنهن ڪري اسان احتجاجي تحريڪ عارضي طور ملتوي ڪري ڇڏي آهي. هنن واضح ڪيو تہ جيڪڏهن ڪيل واعدن تي ٽريزري ڪاتي جي عملدارن عمل نہ ڪيو تہ اسان ملازم ٻيهر تحريڪ شروع ڪنداسين جيڪا سمورن ملازمن جي مسئلن جي حل تائين جاري رهندي. هنن اعلي اختيارين کان پڻ نوٽيس وٺي ملازمن جا سمورا جائز مسئلا بنا فرق جي حل ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي، جيئن هو وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا 07 عوامي سوچ

فيسرن سان گڏجي مختلف وينن، بسن ۽ ٻين مسافر گاڏين جي چيڪنگ ڪئي. ڪارروائي دوران اوور لوڊنگ، مقرر ڪراين کان وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪرڻ ۽ مسافرن جي حفاظت بابت قانونن جي ڀڃڪڙي تي ڪيترين ئي گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي وئي. چيڪنگ دوران ڪيترين ئي وينن مان گئس سلينڊر لاهرايا ويا. جڏهن تہ مسافرن کان مقرر ڪراين کان وڌيڪ وصول ڪيل رقم واپس ڪرائي وئي. ان کان علاوه اوور لوڊنگ ۽ ٻين ڀڃڪڙين تي گاڏين تي ڳرا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيا ويا. مسافرن جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گاڏين ۾ باهہ وسائڻ وارا اوزار (فائر ايڪسٽنگوئشرز) پڻ لڳرايا ويا. ان موقعي تي سيڪريٽري ڊي آر ٽي اي فخرالنساءَ لاکير ٽرانسپورٽرن ۽ گاڏين جي مالڪن کي هدايت ڪئي تہ ٽريفڪ قانونن ۽ سرڪاري ضابطن تي سختيءَ سان عملدرآمد يقيني بڻائين. گاڏين ۾ گنجائش کان وڌيڪ مسافر نہ ويهارين، مسافرن کان مقرر ڪرايو وصول ڪن ۽ گاڏين ۾ غير محفوظ گئس سلينڊر استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪن. هن وڌيڪ هدايت ڪئي تہ سمورين مسافر گاڏين ۾ باهہ وسائڻ وارن اوزارن جي موجودگي يقيني بڻائي وڃي ۽ مسافرن جي حفاظت تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو وڃي. هن واضح ڪيو تہ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي جاري رکي ويندي.

بقايا 08 عوامي سوچ

واقعو سڄي ٿرپارڪر لاءِ ڏک جو سبب بڻيو آهي. اسپتالن ۾ مريضن جي جانين جو تحفظ ۽ محفوظ طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاڳاپيل ادارن جي بنيادي ذميواري آهي. هن چيو تہ صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آءِ جي انتظامي معاملن، ٽيڪنيڪل عملي ۽ ضروري طبي سامان جي موجودگيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، جيئن حقيقتون سامهون اچن ۽ ذميوارن جو تعين ٿي سگهي. زخمين جو بهترين علاج يقيني بڻايو وڃي ۽ ضلعي جي اسپتالن ۾ گئس سيلينڊرن، طبي سامان ۽ هنگامي سهولتن جي جاچ ڪرائي وڃي. غفلت ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو تہ انساني جانين جو تحفظ اولين ترجيح هجڻ گهرجي ۽ ترجي عوام کي محفوظ ۽ معياري صحت جون سهولتون فراهم [illegible]

بقايا 09 عوامي سوچ

[illegible]

ڪئي آهي. گرفتار ۽ مارجي ويل ڌارين وٽان هڪ ڪلاشنڪوف، ٻہ پسٽل ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. پوليس موجب جوابدارن خلاف ڦرن ۽ پوليس مقابلن جا 5 ڪيس سامهون آيا آهن. جڏهن تہ وڌيڪ رڪارڊ جي جاچ جاري آهي. ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي مقابلي ۾ حصو وٺندڙ فريدآباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او طارق لاکير ۽ پوليس ٽيم، ڊي ايس پي ميهڙ وحيد بيگ لاڙڪ ۽ سي آءِ اي انچارج ميهڙ سجاد علي شاهاڻي سميت پوليس اهلڪارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي ڪين شاباس ڏني پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 10 عوامي سوچ

دار کي يرغمال بنائي هٿيارن جي زور تي ذوالفقار جاکرو کان 50 هزار روپيہ ڪيش رقم ۽ هڪ قيمتي ٽچ موبائل فون ڦر ڪري جهمپير کان ٺٽو طرف فرار ٿي ويا آهن. جنهن جو اطلاع فورن ايس ايڇ او جهمپير غلام حسين پيرزادو کي ڏنو ويو. جنهن فورن ڪارروائي ڪندي پنهنجي گاڏي ۾ ڌارين جو پيڇو ڪندي ڪين ٺٽو/جهمپير روڊ تي KDA موري وٽ ٻنهي ڌارين کي موٽر سائيڪل سميت سوگهو ڪري گرفتار ڪرڻ بعد جهمپير ٿاڻي تي ڪٺي ويو. جتي سندن سڃاڻپ بلاول بکڪ ۽ يار محمد بکڪ طور ٿي آهي. جن کان پوليس پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. جهمپير ٿاڻي تي ڦرجي ويل جاکرا برادري جا ماڻهون ذوالفقار جاکرو، قربان جاکرو ۽ ٻيا پڻ پهچي ويا، جن پاران ڪائڻ ٿيل ڦر واردات جي رپورٽ پڻ جهمپير ٿاڻي تي درج ڪرائي وئي آهي. جتي ايس ايڇ او جهمپير گرفتار ٿيل ٻنهي جوابدارن جي قبضي مان ڦر ڪيل ڪيش رقم ۽ موبائل فون برآمد ڪري بروقت جهمپير واسي دڪاندار ذوالفقار جاکرو جي حوالي ڪري ڇڏي، جنهن بعد ڦرجي ويل جاکرا برادري جي دڪاندار ذوالفقار جاکرو، قربان جاکرو ۽ ٻين ايس ايڇ او جهمپير غلام حسين پيرزادو جا ٿورا مڃيندي ڪيس لونگين جا تحفا پيش ڪندي چيو تہ ايس ايڇ او جهمپير بروقت ڪارروائي ڪندي حقيقي ٻنهي ڌارين کي سڱ سوڌو گرفتار ڪري ڪين ڦر ڪيل رقم ۽ موبائل فون پڻ واپس ڪرائي ڇڏي آهي. هنن ايس ايڇ او جهمپير کان مطالبو ڪيو تہ فورن گرفتار ٻنهي ڌارين بلاول ۽ يار محمد بکڪ مٿان ڪيس داخل ڪري ڪين جيل موڪلي سخت کان سخت سزائون ڏنيون وڃن، جيئن شهري وڌيڪ ڦرڻ کان بچي سگهن. هوڏانهن جهمپير پوليس پاران گرفتار ڌارين کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ بعد وڌيڪ ٻين ڌارين کي پڻ پوليس گرفتار ڪري انهن کان پڻ پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ آخري اطلاعن تائين ڪو ڪيس وغيره داخل ٿي نہ سگهيو هو. پوليس موجب گرفتار ڌارين وٽان ڦر ڪيل واردات ۾ استعمال ٿيل پسٽل توڙي هڪ موٽر سائيڪل پڻ برآمد ڪئي وئي اهي، جيڪا پڻ چوري جي لڳي ٿي. جنهن جي پڻ پوليس چنڊ ڇاڻ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 11 عوامي سوچ

تڪراري رٿائن جي نالي تي ڪاري چاڻ جي ديہ پالڪي ۾ 2195 ايڪڙ زمين ساحلي پٽي ۾ الاٽ ڪرڻ جي مذمت ڪندي چيو آهي تہ سنڌ حڪومت اقتدار لاءِ وحدت ۽ وسيلن تي سوديبازي ڪري رهي آهي. ڪوئلو، پيٽرول، گئس، بجلي، ڪارونجهر، گورک سميت تاريخي ماڳ نيلام گهر بڻايا ويا آهن. اياز لطيف پليجي چيو تہ دنيا ۾ ساحلي پٽي جا ماڻهو خوشحال ۽ امير ترين آهن پر بدقسمتي سان سنڌ جي ساحلي پٽي ۾ رهندڙ ماڻهو انتهائي غربت جو شڪار آهن. انهن لڪين ماڻهن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ حڪومت جي ڪڏهن بہ ايجنڊا ناهي رهي. سنڌ حڪومت ٻڌائي تہ ساحلي پٽي ۾ رهندڙ ماڻهن کي 19 سالن جي حڪمراني ۾ ڪهڙيون سهولتون ڏنيون ويون آهن. اياز لطيف پليجي چيو تہ ساحلي پٽي تي لکين ماڻهو پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهن. خوراڪ، تعليم ۽ صحت جي سهولت کان محروم بنايا ويا آهن. ماڻهن وٽ بنيادي سهولتون ناهن. حڪومت پنهنجون بنيادي ذميواريون پوريون ڪرڻ بدران عالمي سامراجي طاقتن جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهي آهي، جنهن کي اسين رد ڪريون ٿا. هن گهر ڪئي تہ فوري طور تي غير قانوني طور الاٽ ڪيل زمين واپس ڪرائي سنڌ دشمن منصوبن کي دفن ڪيو وڃي.

بقايا 12 عوامي سوچ

خلاف ڪارروائي ڪندي 57 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جا ضبط ڪيل سگريٽ تلف ڪيا ويا. اها ڪارروائي چيف ڪمشنر سکر ضيغم عباس جي خاص هدايتن تي عمل ۾ آندي وئي، ڪمشنر سکر زون ممتاز احمد ٽيبو، آءِ آر اي اين اسڪواڊ جي سربراهہ ڪمشنر ڊاڪٽر پرويز احمد شر ۽ اي ڊي سي هيڊڪوارٽر جوهر علي شاهہ پاران جوڙيل خاص ٽيم گذريل ٻن مهينن دوران 11 مختلف ڪارروائين ۾ غيرقانوني سگريٽن جا 1,644 ڪارٽن ضبط ڪيا، جن جي ماليت لڳ ڀڳ 21 ڪروڙ رپيا ٻڌائي وئي آهي، جڏهن تہ سيلز ٽيڪس ۽ فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي مد ۾ 36 ڪروڙ 70 لک رپين جي ٽيڪس چوري پڻ سامهون آئي.ضبط ڪيل سگريٽن ۽ تمباڪو کي خاص ٽيم جي نگرانيءَ ۾ باهہ ڏئي ساڙيو ويو. ڪارروائي جي اڳواڻي ان لينڊ روينيو آفيسر عبدالمجيد سانگي ۽ انسپيڪٽر سمير ڪئي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر بشري منصور، ايس پي موٽروي شفيق الرحمان ۽ ٻين ادارن جا نمائندا پڻ موجود هئا.ان موقعي تي چيف ڪمشنر سکر ضيغم عباس ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ملڪ جي ترقي ۽ معاشي استحڪام لاءِ ٽيڪس وصولي انتهائي اهم آهي. ٽيڪس چوري ۽ ٽيڪس نادهندن خلاف [illegible]

اثرائتا قدم جاري رکڻ جي عزم جو اظهار پڻ ڪيو.

بقايا 13 عوامي سوچ

ن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن بعد ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي اٽو چڪي مالڪن عرفان شيخ، گل حسن پنهور، افضل ڪوريجو، سليم پنهور، منظور چانڊيو ۽ ٻين هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو تہ دادو ضلعي ۾ ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر دادو ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ حيدرآباد ريجن جي گڏيل سازش تحت اٽو چڪي مالڪن خلاف ناانصافيءَ تي ٻڌل ڪارروايون ڪيون پيون وڃن، جن کي هو سختيءَ سان رد ڪن ٿا. اڳواڻن چيو تہ ڪنهن بہ مناسب سبب ڪانسواءِ سندن اٽو چڪيون ۽ چڪين جا پٿر ختم ڪيا ويا آهن. جنهن سبب ڪيترن ئي واپارين جو ڪاروبار ۽ روزگار تباهہ ٿي ويو آهي. فوڊ کاتي جي تعصب واري رويي سبب اٽو چڪي مالڪن ۾ سخت پريشاني، مايوسي ۽ ڪاوڙ پکڙيل آهي. هنن اعلان ڪيو تہ فوڊ کاتي جي پاليسين ۽ ڪارروائين خلاف اڄ کان هڙتال ۽ پرامن احتجاج جاري رکيو ويندو. هنن دعويٰ ڪئي تہ دادو ضلعي ۾ اڳ 293 اٽو چڪيون هيون، جن مان 45 چڪيون ختم ڪيون ويون آهن. جڏهن تہ هن وقت 252 چڪيون باقي آهن. سندن چوڻ هو تہ فوڊ کاتي جي مبينا غلط پاليسين سبب لڳ ڀڳ 5 هزار پورهيت بيروزگار ٿي ويا آهن. جنهن سان هزارين خاندانن جي گذر سفر جو مسئلو پيدا ٿي ويو آهي. هنن ان عمل کي پورهيت دشمن قرار ڏيندي سنڌ حڪومت کان فوري مداخلت جو مطالبو ڪيو. اٽو چڪي مالڪن وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي هڪ ٻوري 8 هزار 750 رپين ۾ خريد ڪرڻ باوجود ان جي قيمت 12 هزار 500 رپيا مقرر ڪئي آهي. هنن الزام هنيو تہ سبسڊي ڏيڻ بدران في ٻوري 3 هزار 750 رپين جو اضافي بار آبادگارن تي وڌو پيو وڃي. هنن چيو تہ سنڌ حڪومت 15 آڪٽوبر کان ڪڻڪ جون ٻوريون جاري ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو، پر 28 آڪٽوبر تائين ڪڻڪ جاري نہ ڪئي وئي آهي، اڳواڻن جو چوڻ هو تہ ڪڻڪ جاري نہ ٿيڻ باوجود دادو اٽو چڪي ايسوسيئيشن ضلعي اندر سستي اٽي جا اسٽال لڳائي رهي آهي. جنهن مان لکين شهرين کي فائدو پهچي رهيو آهي. هنن چيو تہ سندن احتجاج ڪنهن ذاتي دشمني يا ضد جي بنياد تي نہ، پر پنهنجن جائز حقن، روزگار ۽ عزت جي تحفظ لاءِ آهي. هو ناانصافيءَ خلاف خاموش نہ ويهندا ۽ پنهنجي حقن جي بحاليءَ تائين پرامن، متحد ۽ ثابت قدم رهندا. اٽو چڪي مالڪن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ دادو اٽو چڪي ايسوسيئيشن جا جائز مطالبا فوري طور تسليم ڪري. فوڊ کاتي جي مبينا ناانصافين جو نوٽيس وٺي ۽ هزارين پورهيتن کي بيروزگار ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. ٻي صورت ۾ هڙتال ۽ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا 14 عوامي سوچ

عات کاتي جي سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور جي آفيسرن سان گڏجاڻي ڪئي. ان موقعي تي ڊويزنل ڊائريڪٽر سکر غلام عباس گهوراهو ڊويزن ۽ ضلعن بابت تفصيل سان بريفنگ ڏني. سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ نومبر ۾ سنڌ ويزن جي تيارين بابت هدايت ڏيندي چيو تہ اطلاعات کاتي جا سمورا آفيسر پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مثبت انداز ۾ حڪمت عملي تي عملدرآمد ڪن ان لاءِ ڊويزن جا سمورا آفيسر پنهنجي ذميواريون بهتر نموني نڀائين ۽ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪن. سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ چيو تہ سکر ڊويزن جي آفيسن ۾ جيڪي بہ مسئلا آهن انهن کي جلد حل ڪيو ويندو. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن گهوٽڪي رفيعہ شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر خيرپور ڪامران قلپوٽو گهوٽڪي ۽ خيرپور اطلاعات آفيسن بابت تفصيل سان بريف ڪيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات ڪنڌڪوٽ مس عامره زرتاش فاروقي، ڊپٽي ڊائريڪٽر سکر سيد ساجد حسين شاهہ، انفارميشن آفيسر غلام رضا پٽي، انفارميشن آفيسر عبدالصمد ٽگڙ، انفارميشن آفيسر احمد مجيد راجپوت سميت اسٽاف موجود هيو.

بقايا 15 عوامي سوچ

ڊپٽي ڪمشنر بدين جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر راجيش ۽ ميونسپل ڪميٽي چيئرمين جي فوڪل پرسن عبدالڪريم گدو اڊيجو جي اڳواڻي ۾ گولاڙچي روڊ نئين واهہ جي موري ۽ ڪوسڪي روڊ سميت مختلف روڊن تان چنگچي رڪشا هٽرايا ويا ۽ روڊن تي قائم غيرقانوني حدخلين ختم ڪرايون ويون.

بقايا 16 عوامي سوچ

ج ڪراچي جي ضلع ملير، گڏاپ ٽائون جي يوسي مراد ميمڻ واري علائقي هاشم خاصخيلي ڳوٺ ۾ صفائيءَ جي ناقص صورتحال عوام جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. علائقي ۾ جڳهہ جڳهہ گندگيءَ ۽ ڪچري جا جبل جهڙا ڍير لڳل آهن. جنهن مان اٿندڙ شديد بدبوءِ ۽ تعفن رهواسين لاءِ عذاب بڻجي وئي آهي. گندگيءَ سبب علائقي ۾ مليريا، ڊينگي ۽ پيٽ جي بيمارين تيزيءَ سان پکڙجڻ جو شديد خدشو پيدا ٿي ويو آهي، پر افسوس جو بلدياتي انتظاميا اگهور ننڊ ۾ ستل آهي. ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد، ٽائون چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ يوسي چيئرمين سليم ميمڻ ڏانهن هٿ ٻڌي نهاريندڙ عوام سوال پڇي ٿي تہ: "هاشم خاصخيلي ڳوٺ جي غيرت مند عوام کي بنيادي بلدياتي سهولتن کان ڇو محروم رکيو ويو آهي؟" ڇا ملير جي عوام لاءِ پنهنجي گهٽين مان ڪچرو ڪڍائڻ ۽ صاف سٿرو ماحول حاصل ڪرڻ بہ هڪ اڌ پورو ٿيندڙ خواب بڻجي ويو [illegible]

ڪيو آهي تہ فوراً روايتي خاموشي ٽوڙي علائقي ۾ ايمرجنسي بنيادن تي صفائي مهم شروع ڪئي وڃي. جيڪڏهن گندگي ۽ ڪچري جا ڍير فوري طور نہ هٽايا ويا ۽ بيماريون پکڙيون تہ پوءِ عوام احتجاج لاءِ روڊن تي نڪرڻ تي مجبور ٿيندو، جنهن جي تمام تر ذميواري لاڳاپيل نمائندن تي هوندي!

بقايا 17 عوامي سوچ

عملي ۽ صحافي وچ ۾ پيش آيل واقعي تي صحافتي حلقن پاران غيرجانبدارانہ جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. صحافي شوڪت مشتاق پنهنجي وڊيو بيان ۾ الزام هنيو آهي تہ هو واقعي واري هنڌ تان گذري رهيو هو، جتي بلدياتي عملو موجود هو ۽ ڪجهہ ماڻهو وڊيو پڻ ٺاهي رهيا هئا. ان دوران هن بہ صحافي طور پنهنجي موبائل فون ذريعي واقعي جي ڪوريج شروع ڪئي. صحافي موجب، دڪان جي مالڪ ۽ بلدياتي انتظاميا وچ ۾ مبينا طور تي بنا اجازت روڊ جي کوٽائي ڪرڻ واري معاملي تي تڪرار ٿي رهيو هو. جنهن دوران بلدياتي عملي ۾ شامل انيس الرحمان سيال، عبدالسلام ميمڻ ۽ ٻين اهلڪارن مبينا طور سندس موبائل فون کسي ورتو ۽ بدتميزي ڪئي.

بقايا 18 عوامي سوچ

پ، 206 شهرين لائسنس حاصل ڪري ورتا ڪراچي _ خادمين سنڌ فائونڊيشن پاران اڄ بلاول شاهہ نوراني ۽ مخدوم بلاول وليج وٽ سنڌ پوليس جي سهڪار سان ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو ڪئمپ ۾ شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي ۽ موقعي تي ئي لائسنس ٺهرائڻ جي سهولت مان فائدو ورتو ڪئمپ ۾ مجموعي طور 206 شهرين جا ڊرائيونگ لائسنس ٺاهيا ويا، جن ۾ 150 مرد ۽ 56 عورتون شامل آهن.هن ڪئمپ ۾ يوسي ناظم تاج محمد وسان، دانش مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي صدر خادمين سنڌ فائونڊيشن ارشد علي عباسي هن موقعي تي چيو تہ فائونڊيشن جو بنيادي مقصد عوام کي سندن در تي سهولت فراهم ڪرڻ آهي هن چيو تہ اهڙين ڪئمپن سان نہ صرف شهرين جو قيمتي وقت بچي ٿو پر ٽرئفڪ قانونن تي عمل کي بہ هٿي ملي ٿي، جنهن سان ٽرئفڪ حادثن ۾ گهٽتائي ايندي هن ڪئمپ جي ڪامياب انعقاد تي سنڌ پوليس ۽ پنهنجي ٽيم جا ٿورا مڃيا ۽ مستقبل ۾ بہ اهڙا عوامي ڀلائي جا پروگرام جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

بقايا 19 عوامي سوچ

ي اميدوارن جا فارم بحال. پيپلزپارٽي پاران امتياز علي جهيجو کي ٽڪيٽ جاري جڏهن تہ پي ٽي آئي طرفان گلزار خاصخيلي کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪيو ويو يوسي 29 جي وائس چيئرمين يامين راجپوت پاران پيپلزپارٽي طرفان ٽڪيٽ نہ ملڻ ڪري آزاد اميدوار طور اليڪشن وڙهڻ جو فيصلو ياد رهي يونين ڪائونسل اوڏيرولال وليج جي چيئرمين مرحوم جمن جهيجو جي فوت ٿيڻ بعد 11 مهينن بعد سندس خالي ٿيل سيٽ تي اليڪشن ٿي رهيو آهي مخدوم جميل الزمان گروپ ۽ مخدوم فخرالزمان گروپ پاران ڌار ڌار نامزدگي فارم جمع جڏهن تہ پي ٽي آئي پاران اميدوار بيهاريو ويو آهي. مخدوم جميل الزمان گروپ پاران سابقہ يوسي چيئرمين جي پٽ امتياز علي جهيجو جنهن کي پيپلزپارٽي طرفان ٽڪيٽ پڻ ڏنو ويو آهي ۽ مخدوم فخرالزمان گروپ پاران يامين راجپوت کي نامزد ڪيو ويو آهي جيڪو هن وقت يوسي جو وائس چيئرمين پڻ آهي جڏهن تہ پي ٽي آئي صدر مٽياري ايڊوڪيٽ گلزار علي خاصخيلي پڻ نامزدگي فارم جمع ڪرائي ورتا آهن جڏهن تہ ريٽرننگ آفيسر پاران نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ بعد ٽنهي اميدوارن جا نالا منظور ڪري فائنل ڪيا ويا. جنهن جي ووٽنگ 22 نومبر ٿيندي

بقايا 20 عوامي سوچ

صحافين ۽ وس وارن کي درد ڀري اپيل ڪئي آهي تہ شهيد صحافي جي خاندان جي مالي مدد ڪري سندس هڪ پٽ کي سرڪاري نوڪري ڏني وڃي، جيئن سندس اولاد پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي ۽ خاندان عزت سان زندگي گذاري سگهي. شهيد صحافي عظيم لغاري جي بيوهہ صنم لغاري دانهن ڏيندي چيو تہ سندس مڙس کي شهيد ٿئي 18 سال گذري ويا آهن. پر افسوس جو اڄ سندس خاندان ڏکيائين ۽ پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. مهانگائيءَ جي هن دور ۾ ٻارن جي بيمارين جو علاج ڪرائڻ، تعليم جا خرچ برداشت ڪرڻ ۽ گهر جو گذر سفر هلائڻ انتهائي مشڪل بڻجي ويو آهي. ٻارن جي مستقبل جي ڳڻتيءَ ۾ زندگي پل پل عذاب بڻيل آهي. جڏهن تہ بيروزگاري سبب گهر جو گاڏو بہ نٿو هلي. هن چيو تہ شهيد عظيم لغاري دادو پريس ڪلب جو عهديدار ۽ صحافي هو. جنهن جي قتل ڪانپوءِ صحافين جي جدوجهد ۽ آواز اٿارڻ سان قاتلن خلاف ڪارروائي ٿي ۽ ڪين انصاف مليو. پر اڄ سندس خاندان معاشي مشڪلاتن ۾ گهيريل آهي. هن ٻڌايو تہ اڳوڻي صوبائي وزير پير مظهرالحق ڪيس سرڪاري نوڪري ڏني هئي، پر هاڻي سندس اولاد بيروزگار آهي ۽ خاندان کي مالي سهاري جي سخت ضرورت آهي.

بقايا 21 عوامي سوچ

واين، گارگند ۽ هراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، جان کي خطرو آهي، تحفظ فراهم ڪيو وڃي: سيد ذوالفقار شاهہ بخاري ٽنڊو محمد خان پي ايس 67 بلڙي شاهہ ڪريم، ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ سيد ذوالفقار شاهہ بخاري معصوم ٻارڙن سميت اکين تي پٽيون ٻڌي شاهہ ڪريم روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. احتجاج ڪندڙ سيد ذوالفقار شاهہ بخاري الزام هنيو تہ اليڪشن ڪانپوءِ ڪيس مسلسل مبينا انتقامي ڪارروايون، گارگند ۽ مختلف طريقن سان هراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، [illegible]

بقايا 26 عوامي سوچ

[illegible]

پنهنجي خاندان کي غيرمحفوظ محسوس ڪري رهيو آهي. احتجاج ڪندڙ وڌيڪ چيو تہ واقعي بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ باوجود ڪا اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي وئي آهي. هن مطالبو ڪيو تہ سندس شڪايت جو فوري نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف ۽ غيرجانبدارانہ جاچ ڪرائي وڃي، جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي ملوث هجڻ جا ثبوت ملن تہ ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. سيد ذوالفقار شاهہ بخاري چيو تہ ڪيس پنهنجي جان جو خطرو آهي. تنهن ڪري لاڳاپيل پوليس اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کي گهرجي تہ معاملي کي سنجيدگي سان وٺي، سندس ۽ سندس خاندان جي تحفظ لاءِ ضروري قدم کڻن. جيئن ڪنهن بہ اڻٽيندڙ واقعي کان بچي سگهجي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان، ضلعي انتظاميا ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، مبينا انتقامي ڪارروايون، هراسان ڪرڻ ۽ حملن بابت لڳايل الزامن جي جاچ ڪرائي وڃي، ملوث هجڻ جي تصديق ٿيندڙ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪيس توڙي سندس خاندان کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي. سيد ذوالفقار شاهہ بخاري اختيارين کي اپيل ڪئي تہ سندس فرياد تي ترت ڌيان ڏئي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو ۽ سندس خاندان بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءَ جي زندگي گذاري سگهن

بقايا 22 عوامي سوچ

رڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. يونين جي جنرل سيڪريٽري سيد عابد علي شاهہ چيو آهي تہ متاثر ملازم باقاعدگيءَ سان ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن. ان باوجود پگهارون بند ڪرڻ سبب ڪين مالي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن چيو تہ پگهار ملازمن جو بنيادي حق آهي، جنهن تي سندن گهرن جا خرچ، ٻارن جي تعليم ۽ علاج سميت ٻيون ضروري گهرجون پوريون ٿين ٿيون. هن مطالبو ڪيو تہ جيڪڏهن ڪنهن ملازم خلاف ڪا شڪايت يا کاتي جو معاملو آهي تہ لاڳاپيل قانوني قاعدن موجب نوٽيس ڏئي موقف پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي. يونين مطالبو ڪيو تہ متاثر ملازمن جون پگهارون بند ڪرڻ جا سبب لکت ۾ ٻڌايا وڃن ۽ جيڪڏهن پگهارون روڪڻ جو ڪو قانوني جواز موجود ناهي تہ رهيل پگهارون فوري طور جاري ڪيون وڃن. سيد عابد علي شاهہ چيو تہ ملازمن جي جائز حقن جي تحفظ لاءِ قانوني ۽ آئيني رستو اختيار ڪيو ويندو. هن ميونسپل ڪارپوريشن جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي ۽ ملازمن کي سندن حق ڏيارڻا وڃن.

بقايا 23 عوامي سوچ

يو تہ هڪ پوليس اهلڪار ۽ ان جو دوست منهنجي گهرواري بختاور ماڇي کي زبردستي ڪار ۾ کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر پاڙي وارن جي دانهن تي ڇڏي فرار ٿي ويا وڌيڪ چيو تہ پوليس اهلڪار ڪافي وقت کان تنگ ڪندو رهيو آهي چوي ٿو تہ دوستي رک ٻئي صورت ۾ توتي ۽ تنهنجي مڙس تي ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيندس هنن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ تحفظ فراهم ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي

بقايا 24 عوامي سوچ

س بابت پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ڊويزنل چيف، چيف انجنيئر ۽ ٺيڪيدار پاران گذريل هڪ مهيني کان مسلسل وڙتون ڪري 3 کان 5 ڏينهن اندر مينٽيننس جو ڪم شروع ڪرڻ جون خاطريون ڪرايون ويون هيون، پر افسوس جو اڄ تائين عملي طور ڪو بہ ڪم شروع نہ ٿي سگهيو آهي. ڳوٺاڻا اڃان تائين پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ سخت پريشان آهن. آفيسرن جون خاطريون ۽ واعدا رڳو ڪاغذي ڪارروائي تائين محدود ٿي ويا آهن. جڏهن تہ عوام بنيادي انساني حق کان محروم آهي.اسان ڳوٺاڻا چيف سيڪريٽري سنڌ کان مطالبو ٿا ڪريون تہ ڳوٺ محمد عرس پنهيار تعلقہ سيوهڻ جي آر او پلانٽ جي بحاليءَ ۾ مسلسل دير جو فوري نوٽيس ورتو وڃي. لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٺيڪيدار کان جواب طلب ڪيو وڃي، ۽ پلانٽ جي مينٽيننس جو ڪم بنا دير شروع ڪرائي ڳوٺاڻن کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي. عوام کي آفيسرن جي واعدن تي ڪيترو عرصو انتظار ڪرڻو پوندو؟ پيئڻ جو صاف پاڻي اسان جو بنيادي حق آهي، خيرات نہ آهي. اسان جي ڳوٺ جو هي جائز ۽ بنيادي مسئلو حل ٿي سگهي.

بقايا 25 عوامي سوچ

ي سان گڏ شهر جي مختلف بازارن، مارڪيٽن، دڪانن ۽ ريڙهن جو اوچتو دورو ڪيو، جتي روزمره استعمال جي ضروري شين جي اگهن ۽ سرڪاري اگهن وارين لسٽن جو معائنو ڪيو ويو. ان موقعي تي سرڪاري اگهن کان وڌيڪ قيمتون وصول ڪندڙ دڪاندارن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا. جڏهن تہ ٻين دڪاندارن کي وارننگ جاري ڪئي وئي. اسسٽنٽ ڪمشنر واپارين کي سختيءَ سان هدايت ڪئي تہ اهي ضلعي انتظاميا پاران مقرر ڪيل سرڪاري اگهن تي ضروري شيون وڪرو ڪن ۽ سرڪاري اگهن واريون لسٽون دڪانن ۾ نمايان هنڌن تي لڳائين، جيئن شهرين کي مختلف شين جي مقرر ڪيل قيمتن بابت آسانيءَ سان ڄاڻ ملي سگهي. هن خبردار ڪيو تہ سرڪاري اگهن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن ۽ وڌيڪ قيمتون وصول ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. اسسٽنٽ ڪمشنر چيو تہ شهرين کي ضروري شيون مقرر ڪيل اگهن تي فراهم ڪرڻ ۽ عوام کي رليف ڏيڻ ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيحن ۾ شامل [illegible]

جيئن مستحق ماڻهن کي جلد فائدو ملي سگهي. گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ضلعي ڪوآرڊينيٽر ٻڌايو تہ ممتا پروگرام تحت ڳورهارين ۽ ٻارن کي ٿڃ پياريندڙ عورتن کي مالي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي، جنهن جو مقصد زندگيءَ جي پهرين 1000 ڏينهن دوران ماءُ ۽ ٻار جي صحت بهتر بڻائڻ آهي. ڏنل بريفنگ تي هن هدايت ڪئي تہ آگاهي ۽ رجسٽريشن جون سرگرميون تيز ڪيون وڃن ۽ مستحق عورتن کي بنا ڪنهن ڪٽوتيءَ جي مالي امداد جي ادائيگي يقيني بڻائي وڃي. گڏجاڻي ۾ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 27 عوامي سوچ

نٽ انٽرنيشنل جي سهڪار سان DHO آفيس مٺي ۾ آيوڊين جي ڪميءَ سبب ٿيندڙ بيمارين کان بچاءَ جي عالمي ڏينهن (Global IDD Prevention Day) جي موقعي تي هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن جو مقصد انسان جي واڌ ويجهہ، دماغي ترقي ۽ بيمارين کان بچاءَ ۾ آيوڊين جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو. ان پروگرام ۾ هيلٿ آفيسرن، ضلعي نمائندن ۽ تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي تا جيئن آيوڊين جي ڪميءَ جي سخت نقصان جهڙوڪ ڳوڙهيون (Goiter)، دماغي واڌ ويجهہ ۾ رڪاوٽ، ذهني معذوري ۽ ٻارن جي شروعاتي ترقيءَ ۾ دير بابت عوام ۾ شعور بيدار ڪيو وڃي. شرڪت ڪندڙن آيوڊين ملايل لوڻ جي واپرائڻ کي هڪ آسان، سستو ۽ فائديمند طريقو قرار ڏنو. سيمينار ۾ DHO آفيس جي عملي، ليڊي هيلٿ ورڪرس (LHWs) ۽ مقامي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (DHO) ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي چيو تہ غذائي جزن جي ڪميءَ کان بچاءُ ايندڙ نسلن جي جسماني ۽ ذهني نشوونما لاءِ بيحد ضروري آهي. هن ٿرپارڪر جي ڏورانهن علائقن تائين آيوڊين واري لوڻ جي پهچ ۽ مسلسل آگاهيءَ جي ضرورت تي زور ڏنو. ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن ڊاڪٽر ستيرام روپاڻي ٻار جي پيٽ ۾ هجڻ واري وقت ۽ شروعاتي عمر ۾ آيوڊين جي اهميت بيان ڪندي ٻڌايو تہ آيوڊين ٻار جي دماغي ترقي ۽ اعصابي بيمارين کان بچاءَ لاءِ انتهائي لازمي آهي. مائيڪرو نيوٽريئنٽ انٽرنيشنل جي زونل مئنيجر مسٽر طاهر مصطفيٰ چيو تہ سيني ادارن جي مڪمل سهڪار، نگراني ۽ ڪميونٽي آگاهيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي تہ جيئن صحت بابت اهي اهم پيغام ضلعي جي هر گهر تائين پهچي سگهن. مرڪزي سيمينار کان علاوه شفاءَ فائونڊيشن جي سهڪار سان ڳوٺ پاناٽي ۾ پڻ هڪ خاص آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو. شفاءَ فائونڊيشن جي نمائندي مسٽر سُنيل عزم ورجايو تہ سندن تنظيم مقامي صحت جي ادارن ۽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن سان غذائيت ۽ پرائمري هيلٿ ڪيئر جي ميدان ۾ سهڪار جاري رکندي. پروگرام جي هلائيندي اسسٽنٽ DHO ڊاڪٽر آڪاش ڪميونٽيءَ کي مقامي سطح جا عملي مشورا ڏنا. هن شرڪت ڪندڙن کي گهر جي لوڻ ۾ آيوڊين جي موجودگي چيڪ ڪرڻ جا آسان طريقا ٻڌايا ۽ اها خاطري ڪرائي تہ آيوڊين وارو لوڻ واپرائڻ بلڪل سستو آهي. جنهن سان ڪنهن تي ڪو بوجھ نٿو پوي پر ٻارن ۽ مائرن جي صحت لاءِ ان جا بيشمار فائدا آهن. پروگرام جي پڇاڙي سيني پائيوارن جي ان گڏيل عزم سان ٿي تہ اسڪولن، رورل هيلٿ سينٽرن ۽ مقامي برادرين ۾ آگاهي مهم کي وڌايو ويندو تاجيئن آيوڊين ملايل لوڻ جي باقاعده استعمال سان هڪ صحت مند مستقبل حاصل ڪري سگهجي.

بقايا 28 عوامي سوچ

ي واڪ جو انعقاد ڪيو ويو. آگاهي واڪ جي اڳواڻي لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي، پروفيسر منظور لاکير ۽ پروفيسر حفيظ ٻگهيو ڪئي. واڪ ۾ اسسٽنٽ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ (AMS) ڊاڪٽر معراج غوري، اسسٽنٽ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ (AMS) ڊاڪٽر نرگس سيد، ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر (RMO) ڊاڪٽر ضمير داؤداڻي ۽ رجسٽرار ايڊمن ڊاڪٽر محمود احمد پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽرن، نرسنگ اسٽاف ۽ ٻين طبي عملي جي شرڪت پڻ نمايان رهي. هن آگاهي سرگرمي جو بنيادي مقصد شهرين کي فالج جي ابتدائي علامتن، ممڪن خطري وارن عنصرن، احتياطي تدبيرن ۽ بروقت علاج جي اهميت بابت آگاهي ڏيڻ هو. ان موقعي تي طبي ماهرن فالج کي هڪ سنگين طبي هنگامي صورتحال قرار ڏيندي چيو تہ ان جون علامتون ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طبي امداد حاصل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. بروقت تشخيص ۽ مناسب علاج سان مريض جي صحتيابي جا امڪان بهتر بڻائي سگهجن ٿا ۽ مستقل معذوري سميت ٻين پيچيدگين جا خطرا گهٽائي سگهجن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن شخص جي چهري جو هڪ پاسو اوچتو لهي وڃي، ٻانهن يا ٽنگ ۾ ڪمزوري يا سُن ٿيڻ جي شڪايت ٿئي، ڳالهائڻ يا ڳالهہ سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي، نظر متاثر ٿئي يا جسم جو توازن اوچتو بگڙي وڃي تہ ان کي فوري طبي امداد جي ضرورت ٿي سگهي ٿي. انتظاميا عوام تي زور ڀريو تہ اهڙين علامتن جي صورت ۾ مريض کي بنا ڪنهن دير جي ويجهي اهڙي اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ منتقل ڪيو وڃي، جتي فالج جي تشخيص ۽ علاج جون مناسب سهولتون موجود هجن. ان حوالي سان شهرين کي هدايت ڪئي وئي تہ علامتن جي پاڻمرادو ختم ٿيڻ جو انتظار نہ ڪن ۽ گهريلو ٽوٽڪن يا پنهنجي مرضيءَ سان علاج ڪرڻ ۾ قيمتي وقت ضايع ڪرڻ کان پاسو ڪن. علامتون عارضي طور ختم ٿي وڃن [illegible]

تڏهن بہ فوري طبي معائنو ضروري آهي. طبي ماهرن فالج جا خطرا گهٽائڻ لاءِ هاءِ بلڊ پريشر ۽ ذيابيطس تي مناسب ضابطو رکڻ، سگريٽ نوشي کان پاسو ڪرڻ، متوازن غذا استعمال ڪرڻ، باقاعده جسماني سرگرمي اختيار ڪرڻ ۽ ڊاڪٽر جي هدايتن موجب طبي معائنا ڪرائڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو. لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي انتظاميا عوامي صحت جي تحفظ، بيمارين کان بچاءَ بابت آگاهي وڌائڻ ۽ بروقت طبي امداد جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. عالمي ڏهاڙي جو پيغام "فالج جون علامتون سڃاڻو، فوري طبي امداد حاصل ڪريو، ڇو تہ هر لمحو قيمتي آهي.

بقايا 29 عوامي سوچ

سٽر سازي ۽ ڊرائنگ جا مقابلا منعقد ڪيا ويا.جنهن ۾ شهيد بينظير آباد، سانگهڙ ۽ نوشهروفيروز ضلعن جي مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ حصو ورتو. ان موقعي تي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ريجن هيڊ شهيد بينظير آباد مقبول احمد لغاري، ڊسٽرڪٽ هيڊ شهيد بينظير آباد ممتاز علي چانڊيو، ڊسٽرڪٽ هيڊ سانگهڙ نور محمد جوڻيجو ۽ ڊسٽرڪٽ هيڊ نوشهروفيروز محبوب علي مگسي ۽ ٻين چيو تہ پروگرام جو مقصد شاگردن ۾ بدعنواني خلاف شعور اجاگر ڪرڻ، ايمانداري ۽ ذميواريءَ جو احساس پيدا ڪرڻ، تخليقي صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ ۽ اظهار جي مهارتن کي بهتر بڻائڻ آهي هنن وڌيڪ چيو تہ مقابلن دوران شاگردن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ميرٽ جي بنياد تي ست شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ايندڙ مرحلي جي مقابلن لاءِ چونڊيو ويو آهي ۽ چونڊيل ٻار تعليم کاتي ۽ نجي اسڪوونڊيل ٻار تعليم کاتي ۽ نجي اسڪوونڊيل ٻار تعليم کاتي ۽ نجي اسڪولن جي شاگردن سان مقابلو ڪندا جڏهن تہ چونڊ جو عمل اسڪول سطح کان ضلعي سطح ۽ پوءِ ڊويزنل سطح تائين مرحليوار مڪمل ڪيو ويو آهي جنهن تحت بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪيا ويا آهن هنن وڌيڪ چيو تہ شاگردن جي حوصلاافزائي ڪندي بدعنواني خلاف آگاهي، ايمانداري ۽ شفافيت جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي تہ جيئن اهڙيون تعليمي ۽ تخليقي سرگرميون ٻارن ۾ خود اعتمادي، سماجي ذميواري ۽ مثبت سوچ پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن هنن وڌيڪ چيو تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران ايندڙ وقت ۾ پڻ اهڙن پروگرامن ذريعي شاگردن ۾ بدعنواني خلاف شعور اجاگر ڪرڻ، تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ باصلاحيت ٻارن کي ضلعي توڙي ڊويزنل سطح تي نمائندگي جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا.

بقايا 30 عوامي سوچ

جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر مرد عورت ۽ ٻارڙن سميت 4 ڄڻا سخت زخمي، ٽنڊوالهيار قبا اسٽاپ تي تيز رفتار ٽرڪ جو موٽر سائيڪل سوارن سان خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو زخمين ۾ ساجد علي ولد الهجڙيو سولنگي هڪ عورت ۽ ٻہ ٻارڙا شامل آهن زخمي ڳوٺ عبدالله سولنگي ٽنڊو قيصر جا ٻڌايا وڃن پيا حد جي پوليس حادثي واري هنڌ پهچي زخمين کي سول اسپتال ٽنڊو الهيار منتقل ڪيو جتان ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت م حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي بي سيڪشن پوليس ٽرڪ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن تہ ٽرڪ ڊرائيور حادثي ڪانپوءِ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي.

بقايا 31 عوامي سوچ

سالن جو نينگر بابر پٽ امير علي چنو فوت ٿي ويو. نينگر بابر روڊ ڪراس ڪري رهيو هو تہ تيز رفتار ڪار ڪيس ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ هو فوت ٿي ويو. ڪار سوار پنجاب کان ڪراچي طرف وڃي رهيا هئاجڏهن تہ ڪار ۾ هڪ خاندان پڻ سوار هو حادثي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي فضا ڇانئجي وئي.

بقايا 32 عوامي سوچ

آهي.پر افسوسناڪ حقيقت اها آهي تہ گهر جو ڪم لينٽر تي ٿيڻ جي باوجود ٽين قسط جاري ڪرڻ لاءِ فوٽو ڪيڻ واسطي لاڳاپيل انجنيئر گذريل ٻن مهينن کان غائب آهي. انجنيئر ڪاشف ٻڙدي نہ صرف سائيٽ تي اچڻ لاءِ تيار ناهي پر غريب معذور شخص جو فوٽون پڻ ڪيڻ کان لنوائي رهيو آهي.انچارج سراج منگي کي باقاعده شڪايت ڏيڻ باوجود اڃان تائين ڪو بہ ازالو ناهي ڪيو. جنهن سبب معذور علي حسن سولنگي سخت پريشاني ۽ ڏکيائيءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي.اعليٰ اختيارين کان پرزور اپيل ڪئي آهي تہ مان غريب ۽ بي پهچ آهيان منهنجي ان ڪم ۾ مدد ڪئي وڃي. مان سنڌ حڪومت، سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام جي اعليٰ عهديدارن ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄام شورو کان مطالبو ڪريان ٿو تہ نوٽيس ورتو وڃي، مون غريب معذور علي حسن سولنگي جي گهر جو فوٽو ڪڍائي سندس رهيل قسط فوري طور جاري ڪرائي وڃي تہ جيئن هو پنهنجي مسڪين زندگي صحيح نموني گذاري سگهي. ۽ان انجنيئر ڪاشف حسين ٻڙدي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 33 عوامي سوچ

ي پيو هئو، زخم ناسور بڻجڻ سبب صحافي کي سخت تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. سيوهڻ پاڪستان پريس ڪلب جي صحافين پاران سنڌ جي وڏي وزير کان صحافي نظام الدين ڳنڀير جو سرڪاري خرچ تي اعلاج ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. وڏي وزير سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين کان صحافي جي اعلاج لاءِ فوري قدم کڻڻ جي اپيل.

نمائندا گهرجن
هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

چلڊرن آف آدم جي گلوبل سي اي او شهزاد سادن جو خميسو ملاح اسڪول جو دورو، استادن جي حوصلا افزائي

جتي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر محمد زبير جو ڪيو ڪيس اسڪول جي تعليمي سرگرمين، شاگردن جي انگ ۽ ٻارن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ان موقعي تي جنرل مئنيجر آفتاب ڪتري ۽ ايچ آر اعجاز پٺ سائنس گڏ موجود هئا، دوري دوران شهزاد سادن استادن جي محنت ۽ تعليمي خدمتن کي ساراهيندي سندن حوصلا افزائي ڪئي

هن اسڪولن جو تعليمي معيار بهتر بڻائڻ، شاگردن جي انگ ۾ واڌ ڪرڻ ۽ وڌيڪ مستحق ٻارن کي تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي

جنگشاهي(رپورٽر) چلڊرن آف آدم جي گلوبل سي اي او شهزاد سادن جو خميسو ملاح اسڪول جو دورو، استادن جي حوصلا افزائي تفصيل موجب، چلڊرن آف آدم جي گلوبل سي اي او شهزاد سادن خميسو ملاح اسڪول جو دورو ڪيو، جتي پر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

بدين ۾ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم جي ريڊينيس بابت گڏجاڻي

2 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم لاءِ ضلعي ۾ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

مهم دوران هر ٻار تائين پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پهچائڻ لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪيا وڃن

پوليو مهم جي ڪاميابي جو دارومدار بهترين، جامع ۽ زميني حقيقتن مطابق تيار ڪيل مائيڪرو پلان تي آهي

بدين(رجب راهمون)بدين 2 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم جي تيارين بابت اهم گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ دربار هال ۾ منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

تعلقي ننگرپارڪر جي شهر ڏانو دانڌل ۾ خوفناڪ واقعو

ايمبولينس ۾ رکيل گيس سلينڊر ۾ اوچتو ڌماڪو ٽن عورتن سميت ڪل 9 ماڻهو بي دردي سان سڙي فوت

رات دير سان حاملا عورت کي حمل خاطر رورل هيلٿ سينٽر ڏانو دانڌل آندو ويو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) تعلقي ننگرپارڪر جي شهر ڏانو دانڌل ۾ خوفناڪ واقعو ايمبولينس ۾ رکيل گيس سلينڊر ۾ اوچتو ڌماڪو ٽن عورتن سم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڪامريڊ نندلال مالهي پاران 10 انساني جانيون ضايع ٿيڻ ۽ ڪجھ زخمي ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

هن دلخراش ۽ دردناڪ واقعي پوري علائقي ۾ غم ۽ ڏک جي لهر پکيڙي ڇڏي آهي

حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا ته هن المناڪ واقعي جي فوري، ازخود ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي

جيئن معلوم ٿي سگهي ته واقعو ڪنهن جي غفلت سبب پيش آيو ۽ ذميوارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)پ پ پ ضلعي ٿرپارڪر جي اڳوڻي انفارميشن سيڪريٽري ڪامريڊ نندلال مالهي ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڏانو ڏانڌل جي اسپتال ۾ آڪسيجن سلينڊر ڦاٽڻ واري افسوسناڪ ۽ دردناڪ حادثي ۾ 10 انساني /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٺٽو پوليس طرفان سڄي ضلعي ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ ناڪا بندي جو سلسلو جاري

ضلعي اندر امن امان برقرار رکڻ، ڏوهن جي روڪٿام ۽ مشڪوڪ سرگرمين تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ سنيپ چيڪنگ، ناڪابندي ۽ پوليس گشت جو سلسلو جاري

مختلف چيڪنگ پوائنٽن تي اثرائتي ناڪابندي ڪري مشڪوڪ ماڻهن، گاڏين ۽ موٽرسائيڪلن جي مڪمل جاچ پڙتال کي يقيني بڻايو وڃي

سيني ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز کي هدايتون ڏنيون ويون آهن ته هو پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ پوليس گشت جي اثرائتي نگراني ڪن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)ٺٽو پوليس طرفان سڄي ضلعي ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ ناڪا بندي جو سلسلو جاري ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي خاص هدايتن تي ايس ڊي پي اوز جي اڳواڻيءَ ۾ ضلعي اندر امن امان برقرار رکڻ، ڏوهن جي ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ٽريزري ڪاتي ٺٽي جي آفيس جي رشوت خور عملي پاران ملازمن جا جائز مسئلا بنا رشوت ڏيڻ جي حل نه ٿيڻ خلاف احتجاج

احتجاج بعد ٿيل ڪامياب ڳالهين ڪانپوءِ عارضي طور شروع ڪيل احتجاج کي ملتوي ڪيو ويو

ملازم اڳواڻن پاران چتاءُ ڏنو ويو آهي ته ٽريزري ڪاتي ٺٽي جي آفيسرن پاران ڪيل احتجاج ڪندڙ ملازمن سان واعدا وفا نه ٿيا ته پوءِ ٻيهر جدوجهد شروع ڪئي ويندي

نيٺ ٽريزري ڪاتي ٺٽي جي آفيسرن سرڪاري ملازمن، پينشنرن، بيواهن توڙي يتيمن جا ڪيترائي جائز مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي اهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٽريزري ڪاتي ٺٽي جي آفيس جي رشوت خور عملي پاران ملازمن جا جائز مسئلا بنا رشوت ڏيڻ جي حل نه ٿيڻ خلاف جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن توڙي مختلف سرڪاري ڪاتن جي ملازمن پاران ٺٽي ۾ شروع /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

اوور لوڊنگ، وڌيڪ ڪراين ۽ غير محفوظ گئس سلينڊرن خلاف ڪارروائي

فخرالنساءَ لاکير ٽريفڪ پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجي مختلف وينن، بسن ۽ ٻين مسافر گاڏين جي چيڪنگ ڪئي

ڪارروائي دوران اوور لوڊنگ، مقرر ڪراين کان وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪرڻ ۽ مسافرن جي حفاظت بابت قانونن جي ڀڃڪڙي تي ڪيترين ئي گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

چيڪنگ دوران ڪيترين ئي وينن مان گئس سلينڊر لاهرايا ويا، جڏهن ته مسافرن کان مقرر ڪراين کان وڌيڪ وصول ڪيل رقم واپس ڪرائي وئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)اوور لوڊنگ، وڌيڪ ڪراين ۽ غير محفوظ گئس سلينڊرن خلاف ڪارروائي، ڪيترين ئي گاڏين تي ڏنڊ سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي (ڊي آر ٽي اي) ٺٽو فخرالنساءَ لاکير ٽريفڪ پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ارباب انور جبار ڏانو ڏانڌل اسپتال ۾ گئس سيلينڊر ڦاٽڻ واري افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)اڳوڻي ضلعي ناظم ٿرپارڪر ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ ارباب انور جبار ڏانو ڏانڌل اسپتال ۾ گئس سيلينڊر ڦاٽڻ واري افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي فوتين جي وارثن سان تعزيت ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي آهي. ارباب انور جبار پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته هي افسوسنا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

دادو: پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو، زخمي سميت ٻه گرفتار، هڪ فرار

هڪ ڪلاشنڪوف، ٻه پسٽل ۽ موٽرسائيڪل هٿ، ڌوهارين خلاف ڦرن ۽ پوليس مقابلن جا 5 ڪيس ظاهر: پوليس

پوليس اهلڪارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي کين شاباس ڏني پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) فريدآباد ٿاڻي جي حد ۾ لنڪ روڊ تي ڳوٺ علي خان ٻگهيو ويجهو پوليس ۽ هٿياربند ڌوهارين وچ ۾ مبينا مقابلي دوران هڪ ڌوهاري مارجي ويو، زخمي حالت ۾ هڪ سميت ٻه ڄڻا گرفتار، جڏهن ته هڪ ڌوهاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ويو، پوليس موجب ڌوهاري روڊ تي ڦر ڪرڻ جي ارادي سان ناڪو لڳائي بيٺل هئا ته گشت ڪندڙ پوليس پارٽي پهتي، جنهن تي ڏو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڳوٺ خير محمد جاکرو جي مين اسٽاپ تي گذريل رات دير سان قائم تيل دڪان تي ويٺل دڪاندار ذوالفقار جاکرو کان ڦر

اطلاع فورن ايس ايڇ او جهمپير غلام حسين پيرزادو کي ڏنو ويو، جنهن فورن ڪارروائي

جهمپير روڊ تي KDA [illegible]

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير شهر لڳ ڳوٺ خير محمد جاکرو [illegible] /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

شهيد صحافي عظيم لغاري جي بيوهه ۽ پٽ جي دادو پريس ڪلب آڏو دانهن

سنڌ سرڪار کان علاج ۽ تعليم جا خرچ برداشت ڪرڻ ۽ هڪ پٽ کي سرڪاري نوڪري ڏيڻ جي اپيل

18 سال گذرڻ باوجود شهيد صحافي جي خاندان کي وساريو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) شهيد صحافي عظيم لغاري جي بيوهه پنهنجي پٽ سميت دادو پريس ڪلب پهچي سنڌ سرڪار، چونڊيل نمائندن، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

يوسي 29 اوڏيرولال وليج جي چيئرمين جي خالي سيٽ لاءِ فارم پرائيندڙ سڀني اميدوارن جا فارم بحال

پيپلزپارٽي پاران امتياز علي جهيجو کي ٽڪيٽ جاري

پي ٽي آئي طرفان گلزار خاصخيلي کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪيو ويو

متياري (تعلقه رپورٽر غلام نبي چنو) متياري تعلقي جي يوسي 29 اوڏيرولال وليج جي چيئرمين جي خالي سيٽ لاءِ فارم پرائيندڙ سين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڪراچي خادمين سنڌ فائونڊيشن پاران بلاول شاهه نوراني ۽ مخدوم بلاول وليج ۾ ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ

مخدوم بلاول وليج ۾ ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ، 206 شهرين لائسنس حاصل ڪري ورتا

مخدوم بلاول وليج وٽ سنڌ پوليس جي سهڪار سان ڊرائيونگ لائسنس ڪئمپ جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي خادمين سنڌ فائونڊيشن پاران بلاول شاهه نورانيءَ مخدوم بلاول وليج ۾ ڊرائيونگ لائسنس ڪئم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ميرپورخاص ۾ ڪوريج دوران صحافي سان مبينا بدتميزي، موبائل فون کسڻ جو الزام، جاچ جو مطالبو

واقعي واري هنڌ تان گذري رهيو هو، جتي بلدياتي عملو موجود هو ۽ ڪجهه ماڻهو وڊيو ٺاهي رهيا هئا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص حيدرآباد روڊ تي ڪيفي شيراز هوٽل پرسان روحل سيلون جي مرمت دوران بلدياتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

گڏاپ ٽائون جي يوسي مراد ميمڻ گندگيءَ جو ڍير، چونڊيل نمائندن جي خاموشيءَ تي عوام پاران سخت احتجاج

علائقي ۾ جڳهه جڳهه گندگيءَ ۽ ڪچري جا جبل جهڙا ڍير لڳل آهن، جنهن مان اُٿندڙ شديد بدبوءِ ۽ تعفن رهواسين لاءِ عذاب بڻجي وئي آهي

گندگيءَ سبب علائقي ۾ مليريا، ڊينگي ۽ پيٽ جي بيمارين تيزيءَ سان پکڙجڻ جو شديد خدشو پيدا ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) گڏاپ ٽائون جي يوسي مراد ميمڻ گندگيءَ جو ڍير چونڊيل نمائندن جي خاموشيءَ تي عوام پاران سخت احتجا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

بدين شهرين جي شڪايتن تي انتظاميا جو حدخلين خلاف آپريشن

گولاڙچي روڊ ٺئين واهه جي موري ۽ ڪوسڪي روڊ سميت مختلف روڊن تان چنگچي رڪشا هٽرايا ويا

روڊن تي قائم غيرقانوني حدخليون ختم ڪرايون ويون

بدين (ڊر) بدين شهرين جي شڪايتن تي انتظاميا جو حدخلين خلاف آپريشن ڊپٽي ڪمشنر بدين شهرين جي شڪايتن جو نوٽيس ورتو، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڪاشف گلزار شيخ ڪمشنر آفيس سکر ۾ آفيسرن سان گڏجاڻي

ان موقعي تي ڊويزنل ڊائريڪٽر سکر غلام عباس ڀُوراهو ڊويزن ۽ ضلعن بابت تفصيل سان بريفنگ ڏني

سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ نومبر ۾ سنڌ ويزن جي تيارين بابت هدايت

سکر(بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سيڪريٽري اطلاعات گورنمنٽ آف سنڌ ڪاشف گلزار شيخ ڪمشنر آفيس سکر ۾ اطلا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو ۾ اٽو چڪي مالڪن جو فوڊ ڪاتي جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج، ڌرڻو، هڙتال جو اعلان

5 هزار پورهيتن جي بيروزگار ٿيڻ جو خدشو، چڪين ۽ پٿر ختم ڪرڻ سبب ڪيترن ئي واپارين جو روزگار متاثر ٿيو آهي

پورهيتن کي بيروزگار ٿيڻ کان بچايو وڃي: عرفان شيخ، گل حسن پنهور، محبوب ٻرڳڙي، افضل ڪوريجو، منظور چانڊيو ۽ ٻيا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ اٽو چڪي مالڪن جي ايسوسيئيشن پاران فوڊ ڪاتي جي ناانصافين ۽ ڪارروائن خلاف دادو پريس ڪلب آڏو هٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

سکر ۾ ايف بي آر جي ڪارروائي، 57 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جا غيرقانوني سگريٽ تلف

57 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جا ضبط ڪيل سگريٽ تلف ڪيا ويا

اها ڪارروائي چيف ڪمشنر سکر ضيغم عباس جي خاص هدايتن تي عمل ۾ آندي وئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) فيڊرل بورڊ آف روينيو(ايف بي آر) جي ريجنل ٽيڪس آفيس سکر پاران غيرقانوني ۽ نان ٽيڪس پيڊ سگريٽن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

سنڌ حڪومت اقتدار لاءِ وحدت ۽ وسيلن تي سوديبازي ڪري رهي آهي: اياز لطيف پليجو

[illegible]

[illegible] /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ٽنڊو محمد خان جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم ۾ سيد ذوالفقار شاهه بخاري جو معصوم ٻارڙن سميت احتجاج

اليڪشن کانپوءِ مبينا انتقامي ڪارروايون، ڳارگنڊ ۽ هراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، جان کي خطرو آهي، تحفظ فراهم ڪيو وڃي: سيد ذوالفقار شاهه بخاري

سندس فرياد تي ترت ڌيان ڏئي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو ۽ سندس خاندان بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءَ جي زندگي گذاري سگهن

واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، مبينا انتقامي ڪارروايون، هراسان ڪرڻ ۽ حملن بابت لڳايل الزامن جي جاچ ڪرائي وڃي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ)ٽنڊو محمد خان جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم ۾ سيد ذوالفقار شاهه بخاري جو معصوم ٻارڙن سميت احتجاج. اکين تي پٽيون ٻڌي شاهه ڪريم روڊ تي ڌرڻو اليڪشن کانپوءِ مبينا انتقامي ڪارر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ميرپورخاص ميونسپل ڪارپوريشن جي 17 ملازمن جون پگهارون بند، ورڪرز يونين جو ڳڻتيءَ جو اظهار، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

متاثر ملازم باقاعدگيءَ سان ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن، ان باوجود پگهارون بند ڪرڻ سبب کين مالي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: عابد علي شاهه

پگهار ملازمن جو بنيادي حق آهي، جنهن تي سندن گهرن جا خرچ، ٻارن جي تعليم ۽ علاج سميت ٻيون ضروري گهرجون پوريون ٿين ٿيون

جيڪڏهن ڪنهن ملازم خلاف ڪا شڪايت يا ڪاتي جو معاملو آهي ته لاڳاپيل قانوني قاعدن موجب نوٽيس ڏئي موقف پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) : ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جي تقريبن 17 ملازمن جون پگهارون مبينا طور اڳوات نوٽيس ۽ وضاحت طلب ڪرڻ کانسواءِ بند ڪرڻ تي ميونسپل ورڪرز يونين (سي بي اي) ڳڻتيءَ جو اظهار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22



MUNICIPAL WORKERS UNION

MUNICIPAL CORPORATION MIRPURKHAS

AFFILIATED: ALL SINDH TRADE UNIONS ORGANIZATION

ماتلي جي ماڇي پاڙي جا رهواسي انصاف لاءِ سنڌ پريس ڪلب ماتلي پهچي ويا

هڪ پوليس اهلڪار ۽ ان جو دوست منهنجي گهرواري بختاور ماڇي کي زبردستي ڪار ۾ کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي: نور حسن ماڇي

دوستي رک نه هئي صورت ۾ توتي ۽ تنهنجي مڙس تي ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيندس

ماتلي (رپورٽر)ماتلي جي ماڇي پاڙي جا رهواسي انصاف لاءِ دانهيندي سنڌ پريس ڪلب ماتلي پهچي ويا ميڊيا سان ڳالهائيندي نورحسن ماڇي چ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڳوٺ محمد عرس پنهيار جو آر او پلانٽ هڪ مهيني کان بحاليءَ جي انتظار ۾، پبلڪ هيلٿ جا واعدا وفا نه ٿيا

چيف انجنيئر ۽ ٺيڪيدار پاران گذريل هڪ مهيني کان مسلسل ورڻون ڪري 3 کان 5 ڏينهن اندر مينٽيننس جو ڪم شروع ڪرڻ جون خاطريون ڪرايون ويون هيون

پر افسوس جو اڃ تائين عملي طور ڪو به ڪم شروع نه ٿي سگهيو آهي، ڳوٺاڻا اڃان تائين پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ سخت پريشان آهن

آفيسرن جون خاطريون ۽ واعدا رڳو ڪاغذي ڪارروائي تائين محدود ٿي ويا آهن، جڏهن ته عوام بنيادي انساني حق کان محروم آهي

سيوهڻ (رپورٽر) ڳوٺ محمد عرس پنهيار جو آر او پلانٽ هڪ مهيني کان بحاليءَ جي انتظار ۾، پبلڪ هيلٿ جا واعدا وفا نه ٿيا! ڳوٺ محمد عرس پنهيار تعلقه سيوهڻ ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ قائم آر او پلانٽ جي مينٽينن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

اي سي سجاول، بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائسز جي آفيسرن جو مختلف بازارن، مارڪيٽن، دڪانن ۽ ريڙهين جو اوچتو دورو

جتي روزمره استعمال جي ضروري شين جي اگهن ۽ سرڪاري اگهن وارين لسٽن جو معائنو ڪيو ويو

ان موقعي تي سرڪاري اگهن کان وڌيڪ قيمتون وصول ڪندڙ دڪاندارن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا

ٻين دڪاندارن کي وارننگ جاري ڪئي وئي. اسسٽنٽ ڪمشنر واپارين کي سختيءَ سان هدايت ڪئي

سجاول (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر سجاول سعيد احمد لغاري جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول عمران احمد سولنگي، بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائسز جي آفيسر عبدالرشيد ميمڻ، علي رضا خشڪ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن ۽ عمل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

سجاول: اي سي سجاول، بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائسز جي آفيسرن جو مختلف بازارن، مارڪيٽن، دڪانن ۽ ريڙهين جو اوچتو دورو ڪندي

ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي سرگرمين جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي

مٺي /ٿرپارڪر (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي غذائي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

مٺي ۾ آيوڊين جي کمي کان بچاءُ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

مٺي/ ٿرپارڪر (رپورٽر) ٿرپارڪر، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس (DHO)ٿرپارڪر پاران مائيڪرو نيوٽريءِ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

فالج جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۾ آگاهي واڪ جو انعقاد

آگاهي واڪ جي اڳواڻي لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي، پروفيسر منظور لاکير ۽ پروفيسر حفيظ ٻگهيو ڪئي

ڊاڪٽر نرگس سيد، ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر (RMO) ڊاڪٽر ضمير دائوداڻي ۽ رجسٽرار ايڊمن ڊاڪٽر محمود احمد پڻ شرڪت ڪئي

هن آگاهي سرگرمي جو بنيادي مقصد شهرين کي فالج جي ابتدائي علامتن، ممڪن خطري وارن عنصرن، احتياطي تدبيرن ۽ بروقت علاج جي اهميت بابت آگاهي ڏيڻ هو

حيدرآباد(رپورٽر)فالج جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي اسٽروڪ مئنيجمينٽ وارڊ پاران فالج کان بچاءَ، ابتدائي علامتن جي بروقت سڃاڻپ ۽ فوري طبي امداد جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ آگاه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

شهيد بينظير آباد ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران بدعنواني خلاف آگاهي سيمينار

سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ تقرير، مضمون نويسي، پوسٽر سازي ۽ ڊرائنگ جا مقابلا منعقد ڪيا ويا

جنهن ۾ شهيد بينظير آباد، سانگهڙ ۽ نوشهروفيروز ضلعن جي مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ حصو ورتو

پروگرام جو مقصد شاگردن ۾ بدعنواني خلاف شعور اجاگر ڪرڻ، ايمانداري ۽ ذميواريءَ جو احساس پيدا ڪرڻ، تخليقي صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ ۽ اظهار جي مهارتن کي بهتر بڻائڻ آهي

نوابشاهه (رپورٽر) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF)جي ريجنل آفيس شهيد بينظير آباد جي زيراهتمام پي ايس پي اسڪول سينئر برانچ ۾ بدعنواني خلاف آگاهي سيمينار ۽ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ تقرير، مضمون نويسي، پو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

نوابشاهه: شهيد بينظير آباد ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران بدعنواني خلاف آگاهي سيمينار جو ڏيک

ٽنڊوالهيار ۾ ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، 4 ڄڻا زخمي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار بي سيڪشن ٿاڻي جي حد قبا اسٽاپ تي روڊ حادثو تيز رفتار ٽرڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

وڳڻ لڳ وڪا موري وٽ روڊ حادثو، 11 سالن جو نينگر فوت

قمبر (رپورٽر) وڳڻ لڳ وڪا موري وٽ روڊ ڪراس ڪرڻ دوران ڪار جي ٽڪر لڳڻ سبب 11 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام: سيوهڻ ۾ معذور مستحق سان ناانصافي، ٻن مهينن کانپوءِ به ٽين قسط جو فوٽو نه ڪڍيو ويو

غريب مستحق علي حسن سولنگي کي سنڌ پيپلز هائوسنگ فلڊ ايفڪٽڊ (TRDP) پاران ملندڙ هائوسنگ پراجيڪٽ تحت ٻئي قسط ملڻ کان پوءِ گهر جو ڪم ڪرايو آهي

افسوسناڪ حقيقت اها آهي ته گهر جو ڪم لينٽر تي ٿيڻ جي باوجود ٽين قسط جاري ڪرڻ لاءِ فوٽو ڪڍڻ واسطي لاڳاپيل انجنيئر گذريل ٻن مهينن کان غائب آهي

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام: سيوهڻ ۾ معذور مستحق سان نا انصافي، ٻن مهينن کانپوءِ به ٽين قسط جو فوٽو نه ڪڍيو ويو، سيوهڻ جي ڳوٺ صادق سهتو يوسي چنا جي رهائشي معذور غريب مستحق علي حسن سولنگي کي سنڌ پيپلز هائوسنگ فلڊ ايفڪٽڊ (TRDP) پاران ملندڙ هائوسنگ پراجيڪٽ تحت ٻئي قسط ملڻ کان پوءِ گهر جو ڪم ڪراي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

سيوهڻ صحافي نظام الدين گنهير پير ۾ ڏڪ لڳڻ سبب سخت تڪليف ۾ مبتلا

[illegible]

[illegible] /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33